श्रीसद्गुरुदेवाय नमः

شري پرم هنس ادويت مت جو

ماهوار رسالو

آنند سنديش

شري آنندپور

ڊسمبر ١٩٨٧

श्रीसद्गुरुदेवायनमः

شري پرم هنس ادويت مت جو

ماهوار رسالو

آنند سنديش

مالڪ

ي پرم هنس ادويت مت پبليڪيشن سوسائٽي

شري آنندپور

سمپادڪ

مهاتما سک ساگرانند

ڊسمبر ١٩٨٧ ع

ساليانو چندو هندستان لاءِ ٠٠ - ١٨ روپيه

" " " ٻاهر ولايت لاءِ سمنڊ رستي ٠٠ - ٤٨ روپيه

Foreign Subscription Rates	(By Air Mai
Asia—	102-
U.K. & Europe—	132-
US.A. & CANADA	156-

شري ستگرو ديواڻ لعه

شري پرم هنس ادويت مت جو

ماهوار رسالو

آنند سنديش

شري آنند پور

سال ٣٥]   ماهه ڊسمبر   ١٩٨٧ع [پرچو ١٢

شري گرو وندنا

دوها

چرڻ ڪمل گرو ديو ڪي، ڌارون اپني شيش -
شري پرمهنس گرو ديو جي، جڳتپتي جڳديش .

پرم پرش گرو ديو ڪو، سدا نوائون ماٿ -
سدا سهائي جيو ڪي، ستگرو دينا ناٿ .

فهرست

آنند سنديش   ڊسمبر   ١٩٨٧ع

پڌرو ڪندڙ :-

شري پرم هنس ادويت مت پبليڪيشن سوسائٽي

مقام شري آنند پور ضلع گنا (مڌيه پرديش)

آنند پرنٽنگ پريس شري آنندپور ۾ ڇاپي ڪري دفتر آنند سنديش شري آنندپور مان پڌرو ڪيو .

سيوا گرو چرڻار ڪي، سب وڏ منگل روپ -
ڀرم گت ملي جيو ڪو، پاوي سک انوپ -

گرو شرڻ آوي وهي، جا ڪي اُتم ڀاڳ -
تاڪي ڀهو بڙ ڀاڳ هئن، گرو چرنن انوراڳ .

اوگڻ ڪا ڀنڊار هئن، آيا شرن تمهار .
تم بن يا سنسار ۾، ڪون اُڀارنهار .

هاٿ جوڙ ڏو چرڻ ۾، ونيه ڪري ڏيه داس .
ڇڏوؤن تمهري ڪرپا ڪو، ڇوڙ سڀن ڪي آس .

خوش خبري

ا - ماهه پوهه جي سنڪرات ١٦ ڊسمبر ١٩٨٧ع جي ڀڳر ڏينهن آهي .

مانو تن کو ڌار کر، پرڪٽي شري ڀڳوان.
پرمهنس بن آئي هئن، ڪرني جڳ ڪليان .

پرم هتيشي جيو ڪي، سٽگورو ڪروڻا ڳار .
نام رتن ڌن بخش ڪر، ڪيئا آمٽ اُپڪار .

بنا نام سک نہ ملي، ڪهتي سنت سجان -
نام گرو آڌين هئہ، ويد پراڻ پرمان -
نام بنان سنسار ۾، اور نہ سک کا سار .
ڀلهاري گرو ديو ڪي، نام ڪي بخشنهار .

پورن سٽگورو ديو ڪي، سيو ڪرو چت لايہ .
جان ڪي مها اُپکار کا؛ بدلا ديا نہ جايہ .

من متي ڪي ڌوکي پڙا، جڳت پندا موهہ ڀاش.
گرو شرڻ جب هي گهي، هووي موهہ وناش .

من متي ۾ دک بهوت هئہ، اور سنتاپ وشاد .
اُن سب سي مکتي ملي، سٽگرو ڪي پرساد .

سوجن ڀاوي سک گهنا؛ چلي جو آگيا ماهين .
آڌي وياڌي اور تاپ سب، پل ۾ هي مٽ جاهين .

سرو روڳ کي اوشڌي، هئہ سٽگورو کا نام .
ٽاٽي شرڌا پريم سي، جپئي آٺون يام .

من چت ڪي ديتا مٽي، سٽگورو ڪي پرتاپ .
مايا ڪڇ نہ کر سکي، مٽي پاپ سنتاپ .

مها ڀوڳيهور ، ٿيو ويٺا ، ديوان ديو شري پرمهنس ديال جي شري شري ١٠٨ شري سوامي ادويت آنند جي مهاراج شري ڀهرين پاتشاهي جن جي پرم پوتر شري چرن ڪملن ۾ داسنداس جي شرڌا سان ڪروڙ ڪروڙ ڏنڊوت پرڻام آهي .

اڳئين پرچي ۾ لکيو ويو آهي ته ويراڳ جي پرڀو اوسٿا ۾ انهن کي ٻج جو سٽ تمام سٺو لڳندو هئو . هڪ ڏينهن اهڙي وقت سٽ ڪندي مٿرا پهتا . اتي صدر بزار مان لنگهي رهيا هيا ته هڪ ماڻهو جنهن جو نالو سالگرام کتري هو ۽ پنهنجي مڪان جي دروازي تي ويٺو هو . پنهنجي جڳهه تان اٿي ۽ تمام نمرتا ۽ ديتا سان ڀهرين ته سندس چرنن ۾ سر (مٿو) رکي پرڻام ڪيو . پوءِ وينتي ڪري پنهنجي گهر وٺي ويو ۽ ڪين تمام شرڌا ۽ پريم سان پوڄن ڪرايو ۽ هڪ ڏينهن ترسڻ لاءِ نمرتاسان وينتي ڪئي . پاڻ ته سڀاوَ کان ئي ديالو هئا ۽ هن جي وينتيءَ کي موٽائي نه سگهيا هن سنسارڪ اڇائن جي پورتيءَ لاءِ منترن وغيره بابت وڌيڪ ڳالهيو ۽ انهن کي ڄاڻڻ ۽ سکڻ جي اڇا ظاهر ڪئي . هن ڀڳتيءَ جي باري ۾ ڪيترا دفعا ڳالهه ڪئي پر هو گهمائي ڦيرائي منترن بابت ئي ڳالهه ڪرڻ لڳو ته جيئن ڪجهه اُن کي منتر ٻڌائين انهن نه ڏٺو ته هن جا خيال سنسارڪ طرف وڌيڪ آهي ۽ فقط اڇائن کي پوري ڪرڻ لاءِ منترن کي سکڻ جو شوق اٿس . ڀڳتي ڀڄن لاءِ هن کي ڪا به دلچسپي نه آهي ۽ نڪا آتما جي اُنتي ۽ ڪلياڻ لاءِ ويچار اٿس ، تنهن هن کي اڇائن کي پورتي ڪرڻ لاءِ به چار منتر ٻڌائي ۽ انهن کي سڌ ڪرڻ جو رستو به ٻڌايو .

هاڻ نورو پرمارٿ جي درشٽيءَ سان ويچار ڪجي ته هو ماڻهو ڪيترو نه نا سمجهه هو جو مها پرشن جي ايترو ويجهو هئڻ ۽ انهن جي ڪرپا هئڻ جي باوجود هو ڀڳتيءَ جي دامن کان محروم

شري پرم هنس امرت ڪٿا

شري شري ١٠٨ شري پرم هنس ديال شري ڀرين پاتشاهي جي مهاراج جو جيون چرتر :-

(اڳيئي ڪان هلندڙ)

دوها

شري پرم هنس ديال جي ، اڳ جگت تارن هار .
بار بار ڏنڊوت ڪرون ، ڪوٽن ڪوٽ جهار .
شري يگل چرڻار ڪو ، هرديه مانهه بسايه .
شردا سي پوجون سدا ، شيش نوايه نوايه .
مها ستگورو ديو ڪي ، پاون اور مهان .
پريم سهت گاين ڪٿي ، نشچيه هو ڪليان .
ويد اگم بتلايا ، ستگورو ڪروڻا اگار .
ڀڳتي مارگ درسايه ڪر ، ڪيئي جيو ڪيو پار .
ڪرپا ڪرو نج "داس" پر ، هي ستگورو داتار .
شري چرڻون پر جڙي رهي ، ميري من ڪي تار .

جيڪڏهن انهن سڀني شين کي حاصل نه ڪري ته ڇا ٿيو؟ ڇو ته اهي سڀ جوتا، نه رهندڙ ۽ ڦرندڙ ۽ ناس ٿيڻ وارا آهن. انهن ۾ ڪابه شيءِ انسان سان سدائين ساٿ ڏيڻ واري ڪانه آهي انهي جي ابتڙ ڀڳتي ستيه، سدائين قائم ۽ امر شيءِ (چيز) آهي. اهاجيو جي لوڪ، پرلوڪ، ۾ ساٿ ڏيڻ واري، انگ سنگ رهندڙ ۽ ان کي سچو سک آنند ڏيڻ واري آهي - اهڙي ڀڳتيءَ کي ڇڏي جو سنساري اڇائن کي پورو ڪرڻ چاهي ۽ انجي گهر ڪري، اهو ديوانو ۽ اگياني نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟

شري ڪبير صاحب شبد جي آخري لائن ۾ عام سنساري منشن جي حالت تي دک ظاهر ڪندي اهو شبد چيو آهي - هن شبد ۾ هنن عام سنسارين کي ديوانو ۽ انڌو چيو آهي. جهڙي طرح هڪ ديواني انسان کي پنهنجي ڀلي ٻري جي سمجهه نه هوندي آهي - اهڙيءَ طرح عام سنساري جيو کي نه پنهنجي ڀلي ٻري جي خبر نه آهي. تن، مال ملڪيت، سنساري شيون، شريرڪ ۽ اندرين جا ڀوڳ، يا سنتان وغيره جيڪڏهن انهن سڀني اڇائن جي پورتي ٿي نه وڃي ته ڇا ٿيو؟ ڇو ته اهي سڀ جوتا نه رهندڙ ٻي ڀڃا، ناس ٿيڻ وارا آهن. هنن ۾ ڪابه شئي انسان سان هميشه ساٿ ڏيڻ واري نه آهي انهيءَ جي ابتڙ ڀڳتي ستيه. قائم دائم. هميشه امر شيءِ آهي. اها لوڪ. پرلوڪ ۾ جيو سان انگ سنگ رهڻ واري ۽ جيو کي سچو سک ۽ آنند ڏيڻ واري آهي.

اهڙيءَ ڀڳتي کي ڇڏي جو سنساري اڇائن کي پورو ڪرڻ چاهي. ۽ انجو طلبگار رهي. اهو ديوانو ۽ اگياني (بي سمجهه) نه آهي ته ٻيو ڪير آهي؟

شري ڪبير صاحب جن شبد جي ٻاڙي سٽ ۾ عام سنساري جيون تي دک ظاهر ڪندي انڌو ڪري چيو آهي، اکين ڪانسواءِ انسان کي جيئن رستو نٿو ڏسڻ ۾ اچي، رستي تي هلندي ڪو

رهيو. هٽ نه اٿين ڪپندو هو نه هو شري پرمهنس دئال ڪان ڀڳتي جي دات گهري ها، جا ست، نتيه ۽ قائم ۽ امرت ميت آهي ۽ جا لوڪ، پرلوڪ ۾ سچو سک، سچو آنند ڏيڻ واري آهي، پر هن گهريو نه ڇا گهريو؟ سنسار جون اسٽ اڇائن جي پورتيءَ لاءِ مترا! مها پرش ته مهان دياوان آهن، هو ته شرڻ ۾ آيل جي اڇا پورڻ ڪندا ئي آهن - پر مها پرشن جي ڪرپا هٿ ئي امرت روپ ڀڳتيءَ جي گهر نه ڪري اسٽ سنساري اڇائن جي پورتي گهرڻ جا آواگمن جي چڪر ۾ جيو کي ڦاسائيندي آهي - هيءَ ڪا عقلمنديءَ جي ڳالهه ته نه آهي اهڙن ئي ٻي سمجهه انسان لاءِ مها پرش فرمايو آهي ته :-

شبد

ائسي ديواني دنيا، ڀڳتي ڀاو نهين ٻوجهي جي ·
ڪوئي آوي تو ٻيٽا مانگي، ڀيٽ روپيا ليجي جي ·
ڪوئي آوي دک ڪا مارا، هم پر ڪرپا ڪيجي جي ·
ڪوئي آوي تو دولت مانگي، ڀيٽ گسائين ديجي جي -
ڪوئي ڪراوي ٻياهه سڳائي، سنت گسائين ريجهي جي ·
ساچي ڪا ڪوئي گاهڪ ناهين، جوٺي جڳت پتيجي جي ·
ڪهي ڪٻير سنو ڀائي سادو، اندون ڪو ڪيا ڪيجي جي -

(پرم سنت شري ڪٻير صاحب جي)

پرم سنت شري ڪٻير صاحب جن عام ماڻهن جي حالت کي ڏسي مٿيون شبد چيو آهي - جهڙيءَ طرح هڪ ديوالي انسان کي پنهنجي ڀلي ٻري جي خبر نه هوندي آهي ۽ اهڙيءَ طرح سنساري جيو کي به پنهنجي نفعي نقصان جي خبر نه آهي - ڌن، ملڪيت، سنساري ڌيون ۽ شرير ۽ اندرين جا ڀوڳ، سنتان وغيره

ارٿ :- هي ڪاڪ ڀشنڊي تون مونکي تمام پرسن ڄاڻين ور گهر .

اُداشٽ سڌيان ، رڌيان سڀ سکون کي کان -

موکش گيان ، وويڪ ، ويراڳيه ، وگيان (تتو گيان) ۽ ايڪ گڻ ، جو جڳت ۾ منين لاءِ به دُرلڀ آهن ، اهي سڀ اڄ توکي ڏيندس ، اَن ۾ ڪو به سنشو (شڪ) نه ڄاڻ ، جيڪي به توکي کپي سو گهر .

ڀڳوان کي پنهنجي مٿان پرسن ڏسي ڪاڪ ڀشنڊي چا گهريو ، اهو پنهنجي مک سان بيان ڪندي گرڙ جي کي چئي ٿو -

چوپائي

سڻ پريو ٻچن اٿڪ انوراڳيئون ، من انومان ڪرن تب لاڳيئون .
پريو ڪهه ڏين سڪل سک سهي ، ڀڳتي اپني ڏين نه ڪهي .
ڀڳتي هين گن سب سک اَئسي ، لون بنا بهو وِنجن جَئسي .
ڀڳتي هين سک ڪونسي ڪاجا ، اس بچار بولي کگ راجا .
جو پريو هوئي پرسن ور ديهو ، موپر ڪرهو ڪرپا اُرو نيهو .
من ڀاوت بر مانگئون سوامي ، تم اُدار اُر انتر جامي .

دوها

اَبرل ڀڳتي بسد تو ، شرتي پران جو گاو .
جيهي کوجت جوگيس مني ، پريو پرساد ڪوءُ پاو .
ڀڳت ڪلپترو پرنت هت ، ڪرپا سندو سک ڌام .
سوئي ديهو ڀڳتي موهي پريو ، ديهو ديا ڪر رام .
(اُتر ڪانڊ)

ارٿ :- پريو جا وچن ٻڌي مان تمام گهڻي پريم ۾ ڀرجي ويس ۽ مون من ۾ ويچار ڪيو ته ڀڳوان سڀني سکن ڏيڻ جي ڳالهه ڪئي

ڪنهن سامهون اچي وڃي ته هنکي خبر نه پوندي آهي. ٺيڪ اهڙيءَ طرح جي حالت عام سنساري منش جي آهي. اهو به وويڪ جي اک کان خالي آهي، انکي به صحيح رستو نٿو سمجهه ۾ اچي، انڪري هو اسٿر نه رهندڙ سنساري اڇائن جي پورتي ڪرڻ ۾ لڳو پيو آهي. انجو نتيجو ڇا ٿو ٿئي؟ هو ٻيهر جنمن جي وڏي ڪلي ۾ وڃي ڪري ٿو جنهن چوراسي جي چڪر مان نماڻ ڏکيا ٿيءَ سان نڪتو هو، انهيءَ ۾ جيڪڏهن پنهنجي ٻي سمجهي، ۽ اگيانتا سان وري وڃي ڪري ته انکي اندو نه چئو وڃي ته ٻيو ڇا چئجي ؟

انڪري جو وڏو ڀاڳوان آهي، سنت پرشن جي سنگت ۾ جنهن جي وويڪ جي اک کليل آهي، اهي سدائين ڀڳتيءَ جي چاهه ڪندا آهن، سنسار جي ٻي ڪا شيءِ جي ڪڏهين به چاهنا نه ڪندا آهن! ڀڳتيءَ جي برابر نه رکن، سڌ ايتري تائين جو مڪتيءَ کي به ٺڪرائي ڇڏيندا آهن، پوءِ سنساري سکن جي ڪهڙي ڳالهه آهي ؟

شري راماڻ جو پرسنگ آهي :-

ڀڳوان شري رامچندر جي مهاراج جڏهن ڪاڪ ڀشنڊي تي پرسن ٿيا هئا ته انهن فرمايو -

دوها

ڪاڪ ڀشنڊي مانگ ور، اتي پرسن موهه جان ۔
انيماد ڪ سڌي اپر رڌي، موڇ سڪل سک کان ۔
وويڪ، ورتي، وگيانا، مني در لڀ گن جي جگ نانا ۔
آج ديئون سب سنشيه ناهين ماگ جو توهي ڀاوَ من ماهين ۔
(اتر ڪانڊ)

لڳو آهي ۽ ڪيترن ڏکيائن ۽ مشڪلاتن سان ڀريل آهي ۽ ٿورڪي الي اڪيلو وڃڻو پوندو ڪنهنکي نه پاڻ سان گڏ وٺي ويندي -

سڪندر چيو ته مان مشڪلاتن کان نه ڊڄندو آهيان، چاڪاڻ ته مان انهي چوٽي کي مڃيندو آهيان ته -

شعر

مشڪلي نيست ڪه آسان نه شود !
مرد بايد ڪه هراسان نه شود !

امرت :- اهڙي ڪا به ڪٺنائي نه آهي جنهنکي سولو نه بڻايو وڃي اِن ڪري منش کي گهرجي ته بهادر ٿئي ۽ مشڪلاتن کان ڪڏهين به نه گهٻرائي .

❀ شعر ❀

همت ڪري انسان تو ڪيا هو نهين سڪتا .
وه ڪونسا عقدا هئه جو وا هو نهين سڪتا !!

امرت :- جيڪڏهين انسان همت ۽ حوصلي کان ڪم وٺي ته اهڙو ڪهڙو ڪم آهي جو انسان نه ڪري سگهي اهڙي ڪهڙي مشڪل ڳالهه آهي جنهنجو ڪو رستو نه ملي . هر هڪ مشڪلات يا ڳالهه جو ڪو نه ڪو رستو ضرور آهي - فقط ان رستي کي همت ۽ حوصلي سان ڳولها ڪرڻ جي ضرورت آهي . اِن سبب ئي مالڪ توهان ڪرپا ڪري اِن جڳهه جو پتو ٻڌايو، جتي مان وڃي اِن امرت کي پيئان ۽ سدائين لاءِ امر ٿي وڃان .

سنت سڪندر کي اِن جڳهه بابت چڱي طرح سمجهايو ۽ جتي اهو امرت ڪنڊ هو ۽ اُتي پهچڻ جو رستو به ٻڌايو .

سڪندر امرت ڪنڊ ڏي وڃڻ لڳو، رستو برابر ڏکيائن ۽

اهو نه سچ آهي، پر پنهنجي ڀڳتي ڏيڻ جي ڳالهه نه ڇڏي. ڀڳتي ڪانسواءِ سڀ ڳڻ ۽ سڀ سک الين آهن جيئن لوڻ ڪانسواءِ سڀ لذيذ طعام (ڀوڄن) ڀڳتي ڪانسواءِ سک ڪهڙي ڪم جا؟ هي ڳرڙجي اهو ويچار ڪري مون چيو، هي پڀوجي توهان مونتي پرسن ٿي ڪو ور ڏيڻ ٿا چاهيو ۽ مونتي ڪرپا ۽ پريم ٿا ڪريو، ته هي سوامي! مان پنهنجي دل گهريو ور ٿو گهران، توهان ادار دل وارا ۽ داين جي جاڻڻ هار آهيو ته توهان پنهنجي پريما ڀڳتي ڏيو.

ڀڳتي ۽ جي مهما ويدن ۽ پراڻن ڳائي آهي، جنهن کي يوگيشور مني ڳولهيندا ڦرن ٿا ۽ جا پڀو جي ڪرپا ڪانسواءِ ڪي ور لاڀائين ٿا هي ڀڳتن جي من مطابق ڦل ڏيڻ وارا ڪلپترو! هي شرڻ ۾ آيل جا پالو چاهيندڙ! هي ڪرپا جا ساگر! هي سڪنڌام رام جي اڌيا ڪري مونکي اهائي پنهنجي ڀڳتي ڏيڻ جي ڪرپا ڪريو.

مطلب اهو ته مهاپرشن جي سنگت ملڻ سان انهن کان امرت سوروپ ڀڳتي جي داس جي گهر ڪرڻ گهرجي، سنساري سامان پا سنساري اڇائن لاءِ چاهه انهنجي سامهون نه رکڻ گهرجي مها پرشن جي ڪرپا ٿيڻ تي به امرت روپي ڀڳتي جي گهر نه ڪرڻ ائين سمجهڻ گهرجي جيئن امرت ڪلش تي پهچي به امرت پيئڻ جي واپس موٽي اچي جيئن سڪندر ڪيو هو اها ڪٿا هن ريت آهي.

هڪ ڀيري هڪ سنت سڪندر تي پرسن ٿيو ۽ چيو ته تنهنجي من جي جيڪا خواهش هجي سا گهراءِ سين توکي ڏيڻ پرسن آهيون

سڪندر عرض ڪيو ته مهاراج جي توهان مونتي پرسن آهيو ته اها ڪرپا ڪريو ته مان امر ٿي وڃان.

سنت چيو ته امر ته تون تڏهن ٿيندي جڏهين تون امرت پيئندي، مگر جتان امرت ملي سگهندو، اتي پهچڻ تنهنجي لاءِ ڏايو مشڪل آهي. ڇاڪاڻ ته رستو تمام ڏکيو ۽

امرت ڪنڊ هو ۽ تون ٺيڪ جڳهه تي پهچي ويو هو ليڪن ڇو ته ڪڏهن اهو هڪ ٻڪ به پيئن ها ته سچ پچ امر ٿي وڃن ها . پر ڪانو جي چونچ ۾ اچي تون ڊوڪو کائي ويئن . اهو ڪانو ٻيو نه ، هڪ شيطان هو ، جنهن نٿي چاهيو ته تون امرت پي امر ٿي وڃين هن ۽ پنهنجين ڳالهين ۾ توکي ڦاسائي ڇڏيو .

اهو ٻڌي سڪندر ڏاڍو پڇتايو ، پر هاڻ ڇا ٿي سگهندو ؟

ان درشٽانت کي

هاڻ ٿورو پرمارٿ جي نظر سان ڏٺو وڃي ۽ وچار ڪيو وڃي جو اصليت کي سمجهائڻ لاءِ هت ڏنو ويو آهي .

سڪندر ڪير آهي ؟ هو جيو آهي ۽ هو سنت ؟ وقت جو مهاپرش آهي . ڀڳوان جي ڀڳتي امرت آهي جا جيو کي امر پد ڏيڻ واري آهي . شيطان ڪير آهي ؟ اهو انسان جو پنهنجو من آهي . سنت سنگ روپي امرت ڪنڊ وٽ پهچڻ تي به من انکي ڀٽڪائي ڀرمائي ۽ ٺڳائي ٿو ۽ ڀڳتي روپي امرت پيئڻ کان روڪي ٿو . جيڪو انسان من روپي شيطان جي چڪر ۾ اچي ٿو ، اهو امرت روپي ڀڳتي کان وڇڙي وڃي ٿو ۽ انتجي طور پنهنجو لوڪ ۽ پرلوڪ ٻئي بگاڙي ٿو . جنهن ڪري سچي سک ۽ سچي آنند کان محروم ٿو رهي ۽ لچ جوڻن جي کڏي ۾ وڃي ڪري ٿو .

ان سبب هن من کان هميشه هوشيار ۽ ساوڌان رهندي مها پرشن کان هميشه ڀڳتي جي چاهه رکڻ گهرجي ، جا لوڪ پرلوڪ ٺاهڻ واري آهي ۽ مهاپرشن جي چرڻن ۾ اهائي پرارٿنا ڪجي ته .

ڀڳتي مڪتي مانگون نهين ، ڀڳتي دان دي موهم .
اور ڪڇو ياچون نهين . نسدن ياچون توهم .
(پرم سنت شري ڪبير صاحب)

تڪليفن سان ڀريل هو، پر سڪندر همت وارو ۽ پنهنجي ڌُن وارو انسان هو، ۽ رستي ۾ سڀني اهڙن مشڪلاتن کي پار ڪندو ويو ۽ وڃي امرت ڪنڊ تي پهتو - هن اهي سڀ نشانيون مليون ڏٺيون جيڪي جيڪي ان استان بابت سنت ٻڌايون هيون. اهو ڏسي ڪري محسوس ڪيائين ته برابر ٺيڪ جڳهه تي پهچي ويو آهيان ۽ ڏاڍو گد گد ٿيو ۽ سوچيائين ته هاڻ رڳو امرت پيئڻ جي دير آهي پوءِ مان امر ٿي ويندس ۽ پوءِ نه رڳو هن سرشٽيءَ تي پر موت تي به فتح پائيندس .

اهو سوچي هن همت ۾ امرت پيالو ۽ چپن تائين کڻي آيو ۽ امرت جو ڍڪ پيئڻ وارو هو ته ڪنهن پکي جي درد ڀري آواز ٻڌڻ ۾ آئي ساوڌان، هنکي نه پيئجان .

آواز ٻڌي سڪندر ڇرڪ ڀريو ۽ اُن طرف نهاريو جتان آواز آيو - ڇا ٿو ڏسي ته ٿورو پريان هڪ ڪانءُ ڦٽڪي رهيو آهي . ڪانءُ ڏٺو ته سڪندر مون ڏي نهاري رهيو آهي ته ڳالهائڻ لڳو سڪندر مون طرف نهار، مون به اُن جو ڍڪ پيتو - جنهنجو نتيجو اهو نڪتو جو ٿڙڪي ٿڙڪي حياتي گذاريان پيو . انڪري منهنجي صلاح آهي ته اُنکي نه پيءُ - نه ته پوءِ پڇتائيندو پوندءِ .

هنجي ڳالهه ٻڌي ۽ هن جي حالت ڏسي "سڪندر" همت ۾ ڀريل امرت ڦٽو ڪيو ۽ واپس موٽي آيو - واپس اچي هُو سڌو سنتن جي آشرم تي ويو ۽ چوڻ لڳو ته واهه مهراج ! هيءُ توهان مونکي ڪيڏانهن موڪليو هيءُ ته ڇگو ٿيو جو ڪانءُ اُتي موجود هو، نه ته نه الاهجي منهنجي ڪهڙي حالت ٿئي ها .

سنت هنکي سڄي ڳالهه ٻڌائڻ لاءِ چيو - سڪندر اُتي پهچڻ ۽ ڪانءُ سان گڏجڻ واري سڄي ڳالهه ٻڌائي - ٻڌي ڪري سنت چيو "سڪندر" ان ۾ رتي ماتر به شڪ نه آهي ته اهو برابر

ڪلياڻ مارگ

(سچو سيوڪ)

٢٠٧

سنسار ۾ سيوڪ جو درجو سڀ ڪان اوچو آهي. چاڪاڻ تہ ان جي مٿان اشٽ ديو ۽ ڪل مالڪ جي خاص ڪرپا هوندي آهي ۽ اُهي اُن جي هر پرڪار جي ڀر گهور ۽ سنڀال ڪندا آهن - پر اهڙو اوچو پد حاصل ڪرڻ لاءِ اهو ضروري آهي تہ سيوڪ واقعي سيوڪ بڻجي. جيڪن سيوڪ لاءِ جيڪي ڪم - ۽ نيم ضروري آهن ، انهن جي دل ۽ جان سان پالنا ڪري.


سمجهاڻي :-

سنت پرشن جا وچن آهن :-

ايڏي جن ڪا پـڙدا ڍاڪي ،
ايڏي سيوڪ ڪي سر پر راکي .

هي داتار، مان توهانکان نٿي "سنسار جا پوڄا پدارٿ لوگهران نه ٿي سگهي،" موکي نه بس پنهنجي پوتر ۽ نرمل ڀڳتي جي ڪرپا ڪريو. مان ٻيو ڪجهه ڪو نه چاهيان. مان نه فقط توهانکان توهان کي چاهيان ٿو. ان گهر ۾ ئي منهنجو فائدو ۽ ڪلياڻ آهي.

نوٽ :- جنوري ١٩٨٨ کان هن پرسنگ ۾ شري شري ١٠٨ شري ٻي پاتشاهي مهاراجن جا پوتر جيون چرتر پيش ڪيا ويندا، شري شري ١٠٨ شري ٽين پاتشاهي مهاراجن جا ساڳي پوتر جيون چرتر وري ڪنهن ٻي دفعي ڏنا ويندا.



جو بيان ڪندي مها پرش فرمائين ٿا ته :-

گر ستگر ڪا جو سک آکائي ،
سو پل کي اوٹ هر نام ڌياوي .
(گوڙ ٻاڻي)

ارٿ :- جيڪو منش شري ستگورو ديو جو سچو شش ۽ سيوڪ ٿو چورائي اهو روزانو سوير صبح جو اٿي ٻرهم پرماتما جو سمرڻ ٿو ڪري .

پرڀات وقت ٻرهمڻ جي ناليءَ جو سمرڻ ڪندي ۽ شري ستگورن جي ڀولا چرن ڪملن جو ڌيان ٿو ڪري ، انکي جنم مرڻ جي چڪر کان مڪتي ٿي ملي .

ٻرڀاتي ٻرڀ نام جپ ، گرو کي چرڻ ڌياءِ .
جنم مرڻ مل اوتري ، سچي کي گڻ گاه .
(گرو ٻاڻي مارو وار محله ٥)

ارٿ :- ستپرش فرمائن ٿا ته پرڀات جو اٿي پرميشور جي ناليءَ جو جاپ ڪريو ۽ ستگورن جي چرڻ ڪملن جو ڌيان ڪريو . سچ سروپ پرميشور جا گڻوان ڳائڻ سان جنم مرڻ جي ملينتا لهي ٿي .

سنسار جي اوچي ۾ اوچي پدوي حاصل ڪرڻ سان ته جنم مرڻ جي ٻنڌن کان ڇوٽڪارو ڪونه ٿو ملندو جڏهن هڪ سچو سيوڪ ، سيوا ، ڀڳتي ، سمرڻ ، ڌيان جي پرتاپ سان جنم مرڻ جي چڪر کان جلدي مڪتي حاصل ڪري پرم ڌام ۾ وڃي هڪ استان حاصل ٿو ڪري . اوچي ۾ اوچي پدوي حاصل ڪري ته سنساري منش ٻڌن - ڀڳتيءَ ۾ وقت ڏيڻ جي بجاءِ مايا ڪمائي ۽

اپڻي داس کي ڏيهه وڏائي .
اپڻي سيوڪ کي نام جپائي .
اپڻي سيوڪ کي آپ پت راکي ،
تاکي گت مت ڪوءِ نه لاکي -
پريو کي سيوڪ ڪؤ ڪوڻ پهچي ،
پرڀ کي سيوڪ اوچي تي اوچي -
جو پرڀ اپڻي سيوا لائيا ،
نانڪ سو سيوڪ دهه دس پرگٽائيا .
(گرو باڻي ، گؤڙي سکمني محله ٥)

ارٿ :- پرڀوءَ پنهنجي سيوڪ جو پڙدو ڍڪي ٿو ، ۽ اُنجي رکيا ۽ سنڀال ڪري ٿو - پرڀوءَ پنهنجي سيوڪ کي مان ڏئي ٿو ۽ اُنکان نام (شبد) جپائي ٿو - پرڀو پاڻ پنهنجي سيوڪ جي لڄ رکي ٿو ، اُنجي اوچي اوستا ۽ مهانتا جو ڪوبه اندازو نٿو لڳائي سگهي . سنسار جو ڪوبه ماڻهو پرڀو جي سيوڪ جي برابري نٿو ڪري سگهي ڇاڪاڻ ته پرڀوءَ جي سيوڪ جو درجو اوچي ۾ اوچو ۽ سڀ کان اُتم (وڏو) آهي - جنهنکي پرڀو پنهنجي سيوا ۾ لڳايو آهي يعني پنهنجي سيوڪ بڻڻ جو موقع بخشيو آهي ، گرو جن فرمائن ٿا ته اهو سيوڪ ڏهني ڏسائن ۾ پرگهٽ ٿئي ٿو ۽ جڳ ۾ اُنجي ڪيرتي (مهما) ڦهلجي وڃي ٿي -

سنسار جو ڪوبه ڪهڙو رواجي ۾ رواجي حاصل ڪرڻو هجي ، ته به انسان کي ڪجهه خاص ساڌن ڪرڻا پون ٿا ۽ ڪجهه خاص نيمن جو پالن ڪرڻو ٿو پوي . سيوڪ جو درجو ته سڀني کان وڏو آهي . سچو سيوڪ بڻڻ لاءِ ڪجهه خاص نيمن جي پالنا ڪرڻ تمام ضروري آهي .

سچي سيوڪ بڻڻ لاءِ جيڪي نيم آهن - اُهن مان ٻهرئين نيم

ڀڳوت نانڪ داسنداسا ، جڳ هاريا تن جيتا -

(گوڙي ، ٻاڻي محلا ١)

شري گرو نانڪ ديو جي مهاراج فرمائين ٿا ته جيڪو ديا جي ٻرڪتي چڙهي ۽ ٻرڪات جو آلي ستگروءَ جي چرڻ موجب ٻرڀوءَ جي لالي جو سمرڻ ٿو ڪري ۽ داسن جو داس ٿيڻ ٿو وڃي ، اهو جيون جي بازي کٽي ٿو وڃي . جنهن صورت ۾ ته سنساري انسان جيون جي بازي هاري ٿو وڃي .

سيوڪ لاءِ گهٽ کائڻ . گهٽ ڳالهائڻ ۽ گهٽ سمهڻ لازمي آهي . اهي مالڪ سان ملڻ آلماجي اٿي ۽ مدد ٿا ڪن ، سيوڪ کي ايترو ئي کائڻ ۽ سمهڻ کپي جنهن سان شرير اروڳ رهي ۽ آلس نه اچي ۽ سيوا جو ڪم سٺي نموني ٿي سگهي . بيحد ٻري کائڻ وارو ۽ ڏينهن سمهڻ وارو ڀڄن نٿو ڪري سگهي . ڀڳوان شري ڪرشن چندر جي مهاراج ته پنهنجي پياري ڀڳت ارجن کي چوي ٿو ته :-

ارٿ :- هي ارجن هيءَ يوڳ نه ته گهڻي کائڻ واري کان ٿئي بلڪل نه کائڻ واري کان نڪو گهڻو سمهڻ واري کان نڪو سدائين جاڳڻ واري کان سڌ ٿيندو آهي -

” ڏکن کي ناس ڪرڻ جو يوڳ واجب کاڌو پيتو کائڻ وارو واجب ڪرمن جي چيشٽا (اُدم) ڪرڻ واري جو ۽ واجب سمهڻ ۽ جاڳڻ واري جو ئي سڌ ٿيندو آهي - انڪري واجب ئي ڀوڄن ڪرڻ کپي ۽ اهو خيال رکي ته ڀوڄن ساتوڪ هجي . ساتوڪ ڀوڄن جو ورڻن ڀڳوان شري ڪرشن چندر جي مهاراج گيتا جي ١٧ ادياءِ ۾ ڪيو آهي . جيڪو ڀوڄن عمر ، ٻڌي ، ٻل ۽ تندرستي کي وڌائڻ وارو هجي ، رسن (سوادن) کان خالي ۽ جلد هضم ٿيڻ وارو هجي اهڙي ڀوڄن کي ساتوڪ چيو ويندو آهي . ڀوڄن ڪهڙو ۽ ڪيترو

اهن سان سنڀال رکندڙ پدارٿن ۾ لڳاتار سان "چوراسيءَ" ۾ وجهي ٿو ٻوڙي جيون جي بازي هارائي ٿو ۽ ٺڳن چوراسي خريد ٿو ڪري - جنهن صورت ۾ سچو سيوڪ نام ۽ ڀڳتيءَ جو سچو ڌن ڪمائي جيون جي بازي جيتي ٿو وڃي - ست پرشن جا وچن آهن ته :—

گرو سيوا تي ڀڳتي ڪمائي ۔
تب اهه مانس ديهي پائي ۔
اس ديهي ڪو سمرهه ديو ۔
سو ديهي ڀڄ هر ڪي سيو ۔
ڀڄهه گوونــد ڀول مت جاهه ۔
مانس جنم ڪا ايهي لاهه ۔

(گورو باڻي)

ارٿ :- شري ڪبير صاحب جن فرمائن ٿا ته گروءَ جي سيوا دواران جڏهن جيو ڀڳتيءَ جي ڪمائي ٿو ڪري، تڏهن هنجي منش جيون جي سڦلتا پراپت ٿي ٿئي. هيءَ منش چولو درلڀ ۽ املهه آهي - جنهن لاءِ ديوتا به پراپت ڪرڻ لاءِ اڇا (خواهش) ٿا ڪن - هاڻ اهڙو املهه شرير پراپت ڪري سدائين پرماتما جي سيوا ڀڳتي ڪندا رهو. گوبند جو ڀڄن ڪرڻ ڪڏهن به نه ڀلائي. ڇاڪاڻ ته منش جنم جو فقط اهو ئي هڪ لاڀ آهي.

هو ٺڳن ته ڀڄن ڌيان يا نام سمرڻ هر وقت ڪري سگهجي ٿو ۽ ڪرڻ به کپي - پر ان لاءِ سڀ کان اتم وقت مها پرشن پرڀات جو ويلو ئي ٻڌايو آهي -

ناءُ پرڀاتي سبد ڌيائيي ڇوڙهه دني پريتا ۔

ڪرڻ ڪاڻپوءِ ۽ ڀڳوان جي ونجهارائپ ۽ پرسنتا حاصل ڪرڻ ۾ ناڪامياب ٿو رهي. ويچار ڪريو ته جڏهن سڀني پراڻين ۾ اُن پرماتما جو نور آهي ته پوءِ ڪنهن سان ڪوڙو ڳالهائڻ، بي واجب وهنوار ڪري، پرماتما کي خوش ڪري سگهجي ٿو؟ ڪڏهن به نه. شيخ فريد صاحب جا وچن آهن ته:-

اِڪ ڦِڪا نه ڳالاءِ، سڀنا ۾ سچا ڌڻي.
هيئاءُ نه ڪهي ٺاهه مانڪ، سڀ امولوي.
سڀ نا من مانڪ ٺاهڻ، مول مچانگوا.
جي تئُ پريئا دي سڪ هيئاءُ نه ٺاهي ڪهيدا.

(گرو باڻي)

ارٿ:- شيخ فريد صاحب چون ٿا ته ڪنهن سان به ڦڪو يا اڪا وچن نه ڳالهاءِ، ڇاڪاڻ ته سڀني ۾ سچيءَ روپ پرماتما جي جوتي موجود آهي. ڪنهن جي به دل کي نه ڏکاءِ ڇاڪاڻ ته هر هڪ منش املهه رتن آهي. سڀني جي دل هيري برابر آهي. اِڪري ڪنهن جي من کي ڏک نه ڏي. جيڪڏهن تنهنجي دل ۾ پريتم پرماتما کي پائڻ جي خواهش (اِڇا) آهي ته ڪنهن جي به دل کي نه ڏکاءِ.

سيوڪ لاءِ ٻيو نيم آهي:- نشڪام ڀاءُ سان اِشٽديو جي سيوا ڪرڻ. نشڪام ڀاءُ سان سيوا - ڀڳتي ڪرڻ وارو سيوڪ ئي ڀڳوان اشٽديو جي ونجهارائي ۽ پرسنتا پراپت ٿو ڪري. سمت پرشن جو وچن آهي ته:-

سيوا ڪرت هوءِ نهڪامي، تسڪو هوت پراپت سوامي.

(گورو باڻي)

هجي اِن لاءِ منين جو چوڻ آهي ته . "

مطلب ته ڀوڄن پنهنجي وقت کائو وڃي ۽ اهو مٺو سڳند وارو ۽ جلد هضم ٿيڻ وارو هجي . فائديمند هجي ۽ حد کان وڌيڪ نه کائجي .

ڀوڄن کانسواءِ هڪ سچي سيوڪ کي جيترو گهٽ ۾ گهٽ (جيئن شرير جي تندرستي تي اثر نه پوي) اوترو ئي کائڻ کپي . وڌيڪ سمهڻ آلس جي نشاني آهي ۽ آلس کي منش جو وڏو دشمن چيو ويو آهي . انڪري سيوڪ کي خاص ڌيان رکڻ کپي ۽ آلس لوزي لنب ۾ پنهنجو قيمتي وقت نه وڃائي .

اِنڪانسواءِ هڪ سچي سيوڪ جو فرض آهي ته ضرور جيترو وقت اوسار ڳالهائي ۽ نمرتا ڌاري سدائين مٺو ٻولي ويچاروان جو چوڻ آهي ته :-

مطلب ته وقت اوسار ڳالهائي ۽ اهو مٺو لذيذ (وڻندڙ) ٿورو سچو ۽ فائديمند هجي -

اِن بابت هڪ سنت جو چوڻ آهي ته :-


مٺا ٻولڻ نو چلڻ هٿون وي ڪجھ دي .
رب تنا دي بغلي جهنگل ڪٿون ڍونڍي -

مطلب ته جيڪو مٺو ٿو ڳالهائي ، نمرتا جي حالت ۾ هلي ٿو ۽ پنهنجي هٿان دان پُن جو ڪم ڪندو رهي ٿو . پرماتما اُن جي دل ۾ رهندو آهي . اُنکي جهنگل ۾ وڃي جپ تپ وغيره يا ڪٺن ساڌن ڪري پرماتما کي ڳولهڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي ؟

اُنجي ابتڙ جيڪو سدائين ڪٺور وچن ٿو چوي ، ٻين سان خراب وهنوار ٿو ڪري ، اهو ڪيترن ئي قسمن جا ڪٺور ساڌنائون

سيوڪ سيوا جو ذرو به ايمان نٿو ڪري ۽ اُهن سڀني ڪري ته مان ڪجهه ڪون ٿو ڪريان ، جيڪو به ٿي رهيو آهي ، سو مالڪ اِشاري جي ڪرپا سان ٿي رهيو آهي ، اُهو ٿي اِشاري جي پرسنتا (راضپو) حاصل ڪري ٿو .

مٿي جن ليمن جو ذڪر ڪيو ويو آهي . اُهن ليمن جـــي جيڪو پوري طرح پالنا ڪري ٿو ، اُهو ٿي سچو سيوڪ آهي ؛ اهڙو سيوڪ ٿي پنهنجو لوڪ پرلوڪ سکيو ۽ سڦلو ڪري وجهي ٿو.



ارٿ :- جيڪو سيوڪ نشڪام ڀاؤ سان سيوا نه ٿو ڪري ۽ سيوا ڪندي ڪا به اڇا نٿو رکي . انکي ئي اشٽديو جي پراپتي ٿئي ٿي .

نشڪام ڀاؤنا سان ڪيل سيوا اشٽديو کي پرسن ڪرڻ جو اُتم رستو آهي - پر ڌيان رکجي ته نشڪام ڀاؤنا سان سيوا ڪرڻ تڏهن ممڪن آهي جڏهن سيوڪ پنهنجي من جي وڪارن کي ٽلاهي ڏي ، من مٽيءَ کي ڀڄائي گرو مٽيءَ کي ڌارڻ ڪري ۽ ستگروءَ جي آگيا ۽ موج موجب سيوا ڪري اهڙي سيوڪ کي پرلوڪ جا سڀ سک سهج سڀاءِ ملي ٿا وڃن . هو پنهنجي اڌار ڪرڻ سان گڏو گڏ پنهنجي ڪٽنب ، خاندان (ورڻ) ۽ سنسار جو اڌار ڪرڻ وارو بڻجي ٿو پوي -

جن جن گرمک سيويا ، تن سڀ سک پاءِ .
اوهه آپ تريئا ڪٽنب سئُه ، سڀ جڳت تراءِ -

(گرو ٻاڻي مارو وار محله ۵)

ارٿ :- جن سيوڪن گرو جي وچن انوسار سيوا ڪئي اُهن کي سڀ سک پراپت ٿا ٿين ، اهو پاڻ ته ڀوساگر کان پار پوي ٿو ۽ ڪٽنب سميت سنسار کي تارڻ وارا ٿيا آهن .

سنساري انسان پنهنجي ڪٽنب ، پرِوار کي سکي ڪرڻ لاءِ ڪيتري نه محنت ۽ ڪوشش ٿو ڪري - پر پوءِ به اُن ڳالهه جي خاطري نه آهي ته اُنهنکي سکي ڪري سگهندو ! پر مٿين ٻاڻيءَ ۾ سڀ پرشن لوڪ پرلوڪ جي سکن جي خاطري (گرنٽي) ڏني آهي . اِڪري ستگرن جي سيوا جنهنکي ملي وڃي ، اهو پنهنجن ڀاڳن جي جيتري سراهه ڪري اها گهٽ آهي . پر ياد رهي ته سيوا ڪندي ذرو به هردي ۾ اڀمان نه اچي - جيڪو

ڪٿا ڀڳت امبريش

شريمد ڀاڳوت ۾ چيل آهي ته :-

انيڪ جنمن جي ڪيل پُنيہ ڪرمن سبب جڏهن جيو جا ڀاڳ، جاڳن ٿا ۽ ان کي سَت پرشن جي سنگت پراپت ٿي ٿئي، تڏهين اگيان جا خاص پڙدا موهہ ۽ اهنڪار جا پڙدا ناس ٿا ٿين ۽ هن جي چت ۾ وويڪ جي روشني جاڳرت ٿي ٿئي.

ڀڳت امبريش ته اهڙو ئي ڀاڳوان انسان هو، سَت پرشن جي پوِتر سنگت جي پرتاپ سان ان جو هردو، وويڪ جي پرڪاش سان مالا مال هو. ڀڳت امبريش هڪ وڏي راڄ جو راجا ۽ اپار ڌن سمپدا جو مالڪ هو.

ان وقت سنسار ۾ اهڙو ڪوئي راجا نہ هو جو ان جي برابري ڪري سگهي، پر اهتري ڌن سمپدا ۽ جس جو سوامي هوندي به مهاراج امبريش جو چت هميشہ ايشور جي چرڻن ۾ لڳو رهندو هو، هن کي ڌن، جائداد، جس، لوڙي راڄ وغيره سان ڪو بہ موهہ نہ هو ۽ نڪو هن جي هردي ۾ اُنهن سڀني جو مان وڏائي يا اهنڪار هو.

ڀڄن

(اُپديش)

طرز:- رامچندر ڪھہ گئي سيتا سي ....

ٽيڪ:- نام پرڀو ڪا سمرلي پراڻي، ڀو سي پار لگائيگا.
آواگمن ڪا چڪر ٽوٽا، لشچيہ هي ڪٽ جائيگا.

ا- پيارا پيارا نام پرڀو ڪا، سرو سکون ڪي کان هئہ.
جهڻي والا دک نهين ڀاوي، سنتون ڪا فرمان هئہ.
جو ڀي اس سي پريت لگالي، سچا سک وھہ پائيگا.

۲- ان سي ٽالي دنيا ڪي ڪر، دل نہ اس ۾ ڦنسا اپنا.
سوانس سوانس ۾ ڪل مالڪ ڪا، نام سدا هي تو جپنا.
جيون سڦل هو جاءِ اگر تون، ڀڪتي ڀہ دل ۾ بسائيگا.

۳- ڪوئي وگھڻ گر آن پڙي تو، پل ۾ نام آسان ڪري.
ساچي نام ڪي ادڀوت مهما؛ ورڻن ڪيا زبان ڪري.
پرڀو ڪا نام هئہ سچا ساٿي، انت گهر ۾ پهچائيگا.

۴- اي "داس" هوشيار تون هوجا؛ سمي نہ وبرٿ گنوا اپنا.
ستگروئن ڪي شرڻ گرهڻ ڪر، شبد سي سرت ملا لينا.
مالڪ ڪي دربار ۾ تيرا، مک اجول هو جائيگا.

ڌمڪ انکي پنهنجي طرف ڇڪي نٿي سگهي. ڌن، مال ملڪيت عهدو، اقبال ۽ شهرت (ناموسي) حاصل ٿي وڃڻ تي به هنجي دل ۾ سدائين ترسنا ۽ ديئا جو نواس رهي ٿو. اهنڪار جو ناچو نه نه ٿو رهي. چاڪاڻ ته اهي اُن ڳالهه جا ڄاڻو هوندا آهن ته اهي سڀ چيزون هميشه نه رهنديون ۽ وشواس ڪان خالي هونديون آهن، هيءَ سدائين ساٿ نباهڻ واريون نه آهن. جهڙيءَ طرح ڦل لڳڻ سان وڻ جون ٽاريون جهڪي وينديون آهن. اهڙيءَ طرح ڀڳوان جو پيارو ڀڳت به ڌن، مال ملڪيت، ناموس وغيره حاصل ٿيڻ سان به نمر ڀاو ۽ ديان ٿي رهي ٿو. (نماڻو ۽ نهٺو ٿي رهي ٿو) اهو اهيءَ ڳالهه کي سدائين ياد رکي ٿو ته :—

جواني ، سندرتا ، خوشحالي ، ڌن ، مال ملڪيت ، ناموس متر ، مائٽ وغيره اهي سڀ وڃڻ وارا آهن ، ان ڪري گياوان انسان جو انهن ۾ موهه - ممتا وغيره نٿو رهي.

شرير ته ڏکن سان ڀريل آهي. ملڪيت سان گڏ آپدا ۽ گڏ هئڻ سان وڃڻ به آهي ۽ سڀ پدارٿ ٿيندڙ شيون ناشوان آهن (ناس ٿيندڙ آهن)

ان ڪري ڀڳت ماڻهو نه ڌن ملڪيت جو مان ٿو ڪري ۽ نه ٿي عهدي ، راج اڌڪار جو ابمان ، انهن سڀني کي واريءَ جي ڀت وانگر ڪڻ ڀنگر ، سپني وانگر ، جولي جاڻي هو سدائين ڀڳوان جو ڀڄن - ڌيان ۽ سمرڻ ۾ پنهنجي سرتيءَ کي جوڙي رکي ٿو. هو سدائين مها پرشن جي هن وچن کي ياد رکي ٿو.

رام سمر رام سمر ، اهي تيري ڪاج هئه -
مايا ڪا سنگ تياڳ ، پرڀو جي کي سرن لاگ -
جگت سک مان متيا ، جهوٺو سڀ ساج هئه اڪ راهه.

ڪوئي سکيو انسان جنهن وٽ نه ڌن هجي نه عيش آرام جا سامان هجن . جهڙڪي اڄ وقتن جي روئي، مشڪل سان ملي اهو جي اهڙن شين سان سنسار مان ڪٿو ئي ؛ ورلي جا گهٽ ڏاڍي نه ان ۾ ڪا تعجب جي ڳالهه نه آهي پر ڌن ملڪيت ۽ عيش عشرت جا سڀ سامان موجود هوندي به اُن جي اڇا رکي ، سنسار ۾ رهندي هوندي ضروري ڪم ڪار ڪندي، جو سنسار جي موهه ممتا کان الڳ رهي - جنهن جي چت ۾ ڀڳوان جي ڀڳتي ۽ اُن ۾ پريم قائم رهي اهڙو ڪو ڪرمک انسان ئي ٿيندو آهي جنهن تي پرڀوءَ جي تمام گهڻي ڪرپا ٿيندي آهي ؛ سٺي قسمت سان اُنکي سنت پرشن جي سنگت به ملي وڃي . ڌن ، مال ملڪيت ، عهدو حڪومت ، جس وغيره حاصل هوندي به ڀڳت جن سنسار کان ۽ سنسار جي ڀوڳن کان ڪمل جي گل وانگر الڳ رهندا آهن . اُن جي چت ورتي هميشه پرماتما جي چرنن سان جڙيل رهندي آهي .

❀ دوها ❀

سڪل سرو من نام هئه ؛ سڀ ڌرمن ڪي ماهين .
(انڌيم) ڀڳت وهه جانيي ، سمرن ڀولي ناهين .
جڳ ماهن نياري رهو ، لڳي رهو هري ڌيان .
پرڌوي پر ديهــي رهي ، پــرميشور ۾ پران .

(سنت چرن داس جي)

سنسار ۾ اڪثر ڏٺو وڃي ٿو ته ٿورو ڌن ، ملڪيت يا معمولي عهدو ۽ اختيار ملڻ تي به انسان اهنڪار ۾ ڀرجو پيو آهي ۽ پنهنجو پاڻ کي الاهي ڇا ٿو سمجهي . پر جن ڀاڳشالي گرمکن ۽ ڀڳتن جي هردي ۾ پرماتما جو ڌيان ۽ اُنجي پريم روپي ڀڳتي وسي وڃي ٿي ، ڀڳوان کي ئي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهي ٿو ، مايا جي چمڪ

سنسار ۾ رهندي ۽ ضروري ڪم ڪار ڪندي هوندي به، مايا يا سنسار ۾ پنهنجي چت کي نه ڦاسائي، نه ئي ڪنهن شئي جو ابمان نه ڪري دل ۾ نمرتا ۽ ديئتا ڌاري سڀ سان پريم وارو وهنوار ڪندي اهو ڀڳوان جي ڀڳتي، ڀڄن، سمرڻ، ڌيان ۾ سدائين مشغول نه رهي. جاڪاڻ ته هو فقط ڀڳوان کي ئي پنهنجو مڙ ۽ سنڀاليندي ۽ وڏي آسري وارو سمجهي ٿو.

پرم ڀڳت مهاراجا امبريش به پنهنجي چت کي ڀڳوان جي يادگيريءَ ۽ واڻيءَ کي انهيءَ جا گڻ ۽ مهما ۾ ڳائڻ، ڪنن سان انهيءَ جي مهما ٻڌڻ. اکين سان انجو درشن ڪرڻ ۽ هٿن پيرن کي ڀڳوان جي ۽ سادو سنتن جي سيوا ۾ لڳائي رکيو. سنسار جي ڌن، مال ملڪيت، راڄ اڌڪار، مان شان کي مٽيءَ جي برابر ۽ وشيه ڀوڳن کي زهر برابر سمجهندو هو اهنڪار ته هن کي ڇهي به نه ٿي سگهيو. هو نه پنهنجا سڀ ڪرم ڀڳوان کي ارپن ڪرڻ لاءِ ڪندو هو. هو نمرتا، ديئتا ڪميا، دپا سهنشيلتا وغيره سد گڻن سان ڀرپور هو. سڀني سان هنجو وهنوار پريم ڀريو هو، جاڪاڻ ته هو سڀني ۾ ڀڳوان جي جوت ڏسندو هو. هو جيڪي به يگيه، ورت، اپواس، دان پن جا ڪم ڪندو هو، اهي صرف ڀڳوان کي ارپن ڪرڻ لاءِ ڪندو هو. سنسار جا سرڳ جي سکن کي حاصل ڪرڻ لاءِ نه، جاڪاڻ ته هنجي نظر ۾ ڀڳوان جي پرسنتا جي برابري ۾ اهي سڀ سک تچ ۽ ڪوڏيءَ جي برابر آهن.

جڏهن پرمي ڀڳت جي اهڙي حالت ٿي وڃي، جو هو پنهنجو وڏي ۾ وڏو آسرو پنهنجي اشٽديو ڀڳوان کي ئي سمجهي ۽ پنهنجي سرت جي ڌارائن کي سڀني طرفن کان بند ڪري هر وقت ڀڳوان جي سمرڻ، ڌيان ۽ سيوا پوڄا ۾ ٿي لڳو رهي، ته پوءِ ڀڳوان به اهڙن ڀڳتن جي رکشا ۽ سنڀال جو ڀار پنهنجي مٿان

سڀني جڳ ڏن ڀڳوان ، ڪاهي ڀر ڪرت مان .
ٻارو ڪي پيٽ جڳسي ، ٻسوڌا ڪو راج هڳر .
نانڪ جن ڪهت ٻات ، ٻنس جهي تهرو گات .
چن چن ڪر گائڻو ڪال ، تڻسي جات آج هڳر .

(گرباڻي جنجا وڻجي محلا ۹)

اي مڻش ، پرڀوءَ جي ڀالي جو سمرڻ ڪر نام جو سمرڻ ڪر ، اهوئي تنهنجو سچو ۽ تنهنجو ڪم آهي ماڻا ۽ مايا جي پدارٿن جي سنگت کي تياڳ ڪري پرميشور جي شرڻ حاصل ڪر ، اهيءَ ۾ تنهنجو فائدو ۽ ڪلياڻ سمايل آهي . سنسار جا جيترا به سک ۽ سکن جا سامان آهن انهن سڀني کي ڪوڙو ۽ سنسار جي سڀني شوقن کي بي بقا ۽ بي وفا سمجهو .

ڌن ، مال ملڪيت ته سڀني واڱر بي بقا آهي ، پوءِ تون اُن کي پالي جا لي تو ڦولجين يا ايمان ڪرين ؟ جيڪڏهن سڀ ٽرلوڪيءَ جو راڄ به ملي وڃي ته اهو به واريءَ جي ڀت واڱر آهي شري گرو تيغ بهادر مهاراج جن چون ٿا ته اي مڻش تنهنجو هيءُ پنهنجو شرير ، جنهن تي توکي ايڏو ناز آهي ، اهو به ناس ٿــي وڃڻو ڪڻ ڪڻ ٿــي ڪري ، جيئن ڪلهه جو ڏينهن گذري ويو ، اهين ئي اڄ جو وقت به گذري رهيو آهي .

مهاپرشن جي مٿين واڻي مان اها ڳالهه ، بلڪل چٽيءَ طرح ثابت ٿي وڃي ته ڀڳوان جي شرڻ حاصل ڪري ڀڄو ڀڄن ، ڌيان ڪرڻ ۾ ئي انسان جو ڪلياڻ سمايل آهي . ڀڳت جن اُن ڳالهه کي چڱيءَ طرح سمجهي ۽ محسوس ٿو ڪري - انڪري اهــو

ديو گرو ورهسپتي اندر کي ٻڌائي ٿو ته هي ديوراج! ڀڳوان جو سڀاءُ ڏس. هُو ڀڳتن جي لاءِ ڪيترو اپراڌ ٿو سهي، ڪڏهن به ناراض نه ٿيندو آهي، پر جيڪو انهي ڀڳت جو اپراڌ ڪندو آهي، ته اهو ڀڳوان جي ڪرودھ اگنيءَ ۾ جلي ويندو آهي لوڪ ۽ ويد ٻنهي ۾ اهڙا اتهاس مشهور آهن. انهيءَ مهما کي درواسا چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو.

مهرشي درواسا اها مهما ڪيئن ٿو ڄاڻي؟ انهيءَ ڪري جو اُن کي انهي ڳالهه جي چڱيءَ طرح ڄاڻ آهي. ڀڳت امبرش ۽ درواسا جي اها ڪٿا ڀڳتي جي مهما ۽ ڀڳوان جو اُرڦ ظاهر ڪرڻ واري آهي. پاٺڪن جي فائدي ۽ ڄاڻ لاءِ هت ڏني وڃي ٿي.

مهاراجا امبرش هڪ دفعي سال جي سڀني ڳيارسن جو ورت رکڻ جو پڪو ارادو ڪيو، جڏهن سال پورو ٿيڻ تي آيو ته هيٺئين وارڪ ڳيارس جي ورت کان پوءِ پارڻ (اپواس کان پوءِ پهريون ڀوڄن) ڪرڻ کان پهرين هن تمام شرڌا پوروڪ ڀڳوان جي پوڄا آرادنا ڪئي، ٻراهمڻ ۽ سپاترن کي دان ڏنو. دان پن وغيره کان واندو ٿي هو پارڻ ڪرڻ وڃي رهيو هو ته ششن سميت مهرشي درواسا اچي آيو. مهاراجا امبرش انهن جو ڏاڍو آدر ستڪار ڪيو ۽ ڀوڄن لاءِ انهن کي پرارٿنا ڪئي. مهرشي درواسا جي پرارٿنا قبول ڪندي چيو: راجن! اسان اشنان وغيره کان واندا ٿي پوءِ توهان وٽ ڀوڄن ڪنداسون، اهو چئي هو اشنان ڪرڻ لاءِ ششن سميت جمنا ڪناري هليا ويا. ان وقت ڳيارس جي ورت ۾ هڪ گهڙي باقي هئي ۽ وقت تي پارڻ نه ڪرڻ سان ورت ڀنگ ٿيڻ جو انديشو لڳو هو، هوڏانهن درواسا اشنان ڪرڻ ۾ اهڙو مشغول ٿي ويو جو اچڻ جو نالو ئي نه پيو وٺي. مهاراج امبرش وڏي سوچ ويچار ۾ پئجي ويو. جيڪڏهن وقت تي پارڻ نٿو ڪري ته

ٿو لڳي. ڀڳوان شري ڪرشن چندر جي مهاراج جن هن ڳالهه جي پٺڀرائي ڪندي ارجن کي چوي ٿو ته :-

شعر

ياد ڪرتي هئن مجهي جو لوگ با صدقي صفا
اُنڪي امدادو حفاظت فرض اولي هئ ميرا -

(شريمد ڀڳوت گيتا ۲۲ - ۹)

هي ارجن! جو تمام گهڻو پريمي ڀڳت مون پرميشور جي سچائيءَ سان، شڌ هردي سان ۽ نشڪام ڀاءُ سان سمرڻ ڪري ٿو، اُن هميشه منهنجي چنتن (ياد ڪيري ڪرڻ واري) ڀڳت جي سهائتا ۽ رکشا ڪرڻ مان پهريون ڪم سمجهندو آهيان.

ڀڳت وتسل ڀڳوان ڏٺو ته ڀڳت امبرش هر وقت منهنجي ٿي ياد ڪيري، ڌيان ۾ مشغول رهي ٿو، ته ڀڳوان اُنجي رکشا ۽ سهائتا لاءِ سدرشن چڪر کي مقرر ڪري ڇڏيو. سدرشن چڪر هر وقت امبرش جي انگ سنگ رهي اُنجي رکشا ڪرڻ لڳو.

ڀڳوان جو اهو ته سڀاءُ آهي ته جيڪڏهن اُنجو ڪوئي اپراڌ ڪندو آهي ته اُنکي سهي ويندو آهي، پر ڀڳت لاءِ ڪيل اپراڌ يا اپمان اهو ڪڏهن به برداشت نه ڪندو آهي. شري رامچرت مانس ۾ ورنن آهي ته :-

چوپائي

سن سرپس رگهونائڪ سڀاؤ، نج اپراڌ رساهن نه ڪاؤ.
جو اپراڌ ڀڳت ڪر ڪرئي، رام روش پاوڪ سو جرئي.
لوڪهون بيد ٻدت اِتهاسا، يهه مهما جانهن دُرباسا.

(ايوڌيا ڪانڊ)

جو مددگار ۽ رکشڪ آهي ۽ جنهن جو مددگار پاڻ سنسار جو سوامي هجي، انجو ڪوهه "وار به ونگو نه ڪري سگهندو" سنتن جو وچن آهي ته :-

* ڪبلاي *

جاکي سر پر رام هٿ، کو کر سکي اکاج ·
کو کر سکي اکاج، بار ناهن واکنو بانکي ·
چکر سدرشن چٽم، کوء ا- نظر سي تاکي -
لوهـــو ڊاري رام ڀڳـــت کو ڊري ڀسيڻـــا -
کا بالک پهلاد ڀيـــا هرنـــاکس ٢ ڀيڻـــا .
کر ٣- ڀنڊون کي ڀٿج، ڀرت ٤ کو ديا جتائي-
امبرڀک کي هيٺو دربـــاسا ناچ نچائـــي ·
ڀلٿو ڀاريوگـــراهم کٿو هانک ۵ ديو گج راج ·
جاکي رت پر رام هٿ کو کر سکي اکاج -

(سنت ڀلٿو داس جي)

مهرشي دروواسا اهو ڇٽي ڪري نه لوڪي هاڻ نسي مزو نو هڪاپان، پنهنجي سر مان هڪ جٽا ڇني ۽ انکي زور سان ڌرتي تي اڇلي، جنهنڪري ان مان هڪ ڀيانڪ ڏائڻ پيدا ٿي. ڪرتيا ان شڪتي ۽ کي چئبو آهي جا غلط منتر پڙهي منتر جي طاقت سان ڪنهنکي مارڻ لاءِ پيدا ڪئي ويندي آهي، اها هٿ ۾ تلوار کڻي مهاراج امبرش جي طرف وڌي مهاراج هٿ جوڙي شانت چت سان پنهنجي جڳهه تي بيٺو هو، ڏائڻ کي ڏسي هو ذرو ۽

---

١ - بري درشٽي سان ٢ - دشمن ٣ - پالبو ٤ ارجن ۵ - پڪار

ورت ٽوڙڻ لئي ۾ مهرشي درواسا کي ڀوڄن ڪرائڻ کان اڳ ڀوڄن ڪرڻ ڪنهن به طرح سان واجب نه هو. مهاراج امبريش ڪري نه ٿي ڪري؟ هن براهمڻن سان صلاح ڪئي. براهمڻن چيو ته توهان ڀڳوان جو چرنامرت وٺي پارڻ ڪريو. ان سان توهان جو ورت به ٽٽڻ نه ٿيندو ۽ مهمان کي ڀوڄن ڪرائي پوءِ ڀوڄن ڪرڻ جو نيم به پورو ٿي ويندو.

مهاراج امبريش براهمڻن جي صلاح موجب ڀڳوان جو چرنامرت وٺي پارڻ ڪيو ۽ ڀوڄن لاءِ مهرشيءَ جو انتظار ڪرڻ ويٺو.

مهرشي درواسا اشنان ڪري واپس موٽيو، هن پنهنجي تپوبل جي طاقت سان ڄاڻي ورتو ته مهاراج امبريش پارڻ ڪري چڪو آهي هو تمام ڪروڌ ڪرڻ لڳو ۽ غصي سان چيائين راجن ڀوڄن جي نينڊ ڏئي اسانکي ٻنا ڀوڄن ڪرائي تو پارڻ ڪيئن ڪيو ؟

مهراج امبريش هٿ جوڙي ونتي ڪئي - مهرشي توهان ڪروڌ نه ڪريو. پارڻ جو وقت گذري رهيو هو، انڪري براهمڻن جي صلاح سان مون ڀڳوان جي چرنامرت سان ئي پارڻ ڪيو آهي ڀوڄن مون ڪونه کاڌو آهي. ڀلا توهانکي ڀوڄن ڪرائڻ کانسواءِ مان ڀوڄن ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ پرنتو هوندي به جي مونکان اپراڌ ٿي ويو هجي ته مونکي ڪرپا ڪري معاف ڪريو.

پر درواسا تي ان ونتيءَ جو ڪو به اثر نه ٿيو. هو اهڙي ئي تمولي ڪروڌ سان ٻرڻ چوڻ لڳو. ڪيئن به هجي اسانکي ڀوڄن ڪرائڻ کانسواءِ پارڻ ڪري تو اسان جو تمام وڏو اپمان ڪيو آهي اسان هينئر ئي توکي انجو مزو ٿا چکايون.

مهرشي درواسا اها ڳالهه پئي ويو ته هن پنهنجي جٽون ٻالرا جي واڪ ڏور ڀڳوان کي سولي جهڙي آهي ، ڀڳوان پاڻ ان

ڀڳوان چيو، مهرشي اُن ڳالهه مان ڪجهه نٿو ڪري سگهان. ڇاڪاڻ ته توهان منهنجو نه پر پياري سچي ڀڳت امبريش جو اپراڌ ڪيو آهي، انڪري توهان اُن وٽ وڃو. اهو ئي هن سدرشن چڪر کان توهانکي ڇوٽڪارو ڏياري سگهي ٿو.

ڀڳوان جو چوڻ ٻڌي درواسا مهاراج امبريش ڏي هلڻ لڳو. هوڏانهن مهاراج امبريش من ۾ ڏاڍو چنتا ۽ وياڪلتا ۾ هو ۽ هنکي اِن ڳالهه جو ڏاڍو پڇتاءُ ٿي رهيو هو، ته منهنجي ڪري مهرشي درواسا کي ايڏو ڪشٽ ٿي رهيو آهي. هُو مهرشي جي سک لاءِ ڀڳوان جي چرڻن ۾ رات ڏينهن پرارٿنا ڪرڻ لڳو.

جيئن ڀڳوان چيو هو، مهرشي سڌو مهاراج امبريش وٽ پهتو ۽ ڀڳت امبريش جي پيرن کي پڪڙڻ لاءِ جهڪيو. اهو ڏسي مهاراج امبريش هڪدم پٺتي هٽي ويو - هن چيو - مهرشي! هي توهان ڇا ڪري رهيا آهيو؟ توهان برهمڻ آهيو، انهن ڪري مون کي پاپ نه چاڙهيو. توهان منهنجا پوڄيه آهيو.

تنهن کانپوءِ مهاراج امبريش سدرشن چڪر جي استتي ڪري انکي شانت ڪيو ۽ مهرشي درواسا کي ڪروڌ جي اگني کان اٻاريو. مهرشي درواسا چيو - اڄ مان ڀڳوان ۽ اُن جي ڀڳتن جي مهما پنهنجن اکين سان روبرو ڏٺي. راجن! جيتوڻيڪ مون توسان سخت وهنوار ڪيو ۽ توکي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي، تنهن هوندي به توهان منهنجو ڪلياڻ ٿي چاهيو، توهان برابر سچا ڀڳت آهيو.

مهاراج امبريش کي اهو ٻڌي ڪري به ڪو اهنڪار نه ٿيو. هن هٿ جوڙي تمام نمرتا سان مهرشي جي چرڻن ۾ وندنا ڪئي. منهنجي ڪري توهان کي ايڏو ڪشٽ ٿيو، اُن لاءِ مونکي ڏاڍو

ڏيو ڪونہ . انهيءَ ڪري نہ سڀني پراڻن ۾ ٻنهي اسنڌيو جي
جوڙ ئي ڏسڻ ۾ ايندي هئي . پوءِ ڀلا هو اُنکان ڇو ٻڇي؟ جيڪ
ڏاڍا اُهي ويچارا پڇتي ؛ سدرشن چڪر جو هنجي رکيا سڀڻا
لاءِ مقرر ٿيل هو ، هڪدم ڇرڪ ۾ آيو ۽ تيزيءَ سان ڏاڍا ڏاهپ وٺيو

هن ٻنهي تيج سان ڪن ٻل ۾ ئي لن ڪرڻا ڪي ڀسم ڪري
ڇڏيو - پوءِ چڪر درواسا رشي ڏي وڌيو ، سدرشن چڪر کي پا
ڏي وڌندو ڏسي درواسا جو خون خشڪ ٿي ويو هو پراڻ بچائ
اُتان ڀڳو ، پر جبلن جي گفائن ۾ ، گهاٽي جهنگلن ۾ سمنڊ ۾ ه
هر جڳهہ سدرشن چڪر کان بچڻ لاءِ ويو ، پر چڪر هنجو پيڇو
ڇڏيـــو هن لوڪ پالڪن اندر وغيره کـي بہ بچائڻ لاءِ چيو . پ
سدرشن چڪر کان بچائڻ لاءِ اُهن ٻنهجي طاقت کان ٻاهر سمجهي
اندر وغيره جي جواب ڏيڻ کانپوءِ هو برهما وٽ ويو ، پر هن
درواسا کي خاطري ڏيڻ کان انڪار ڪندي چيو تہ سدرشن چڪ
جي ڪرود کان بچائڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهـي - توهان ش
جيءَ جي شرڻ ۾ وڃو ، تہ سگهـــي ٿو تہ هو توهانجي ڪا مدد
ڪري سگهي .

” مرلا ڪيانہ ڪرلا “ درواسا ڪيلاش پروت وٽ پهچو
مدد لاءِ پرارٿنا ڪئي . شوجي بہ ٻڌائي ويو ۽ چيائين تہ سدرشن
چڪر کان بچائڻ منهنجي وس کان ٻاهر آهي . انکان نہ توهي ڀڳوان
وشنو ئي بچائي سگهي ٿو ، توهان اُهي شرڻ ۾ وڃو .

سڀني طرفن کان نراس ٿـي گهبرايل درواسا ونڪٺ ڌا
ڏي ڀڳو . اُتي پهچڻ سان ئي ڀڳوان ، وشنو جي چرڻن ۾ ڪري
پيو ۽ چوڻ لڳو ، ڀڳوان ! سدرشن چڪر کان مونکـــي بچايو . مان
توهانجي ڀڳت جو اپراڌ ڪيو آهي . انهيءَ لاءِ توهان کان معافي
ٿو وٺان .

آنند پشپ مالا

(شبدن جو ڪتاب)

(سنڌي ديوناگريءَ ۾)

گھڻن ڏينھن کان وٺي پريمي گرمکن جي گھر ھئي تہ سنڌي ڀڄن کي ديوناگريءَ ۾ بہ ڇاپايو وڃي . ڇاڪاڻ تہ اڄ زماني جا ٻار جيڪي فقط ھندي پڙھندا آھن ، اھي بہ ڀڄن پڙھي سگھن ۽ ڳائي سگھن . سو انھن جي طلب کي ڏسندي ھولدي سنڌي شبد ديوناگريءَ ۾ ڇاپيا ويا آھن . ھن ڪتاب ۾ ستگرن جي مھما ۽ پرارٿنا جا ڀڄن آھن .

دربار جي پريمين لاءِ ھيءَ ھڪ عجيب ۽ عاليٰ سوکڙي آھي . پريمي پاٺڪ ھن ڪتاب کي ٽپال رستي پڻ گھرائي سگھن ٿا . سفيد ڪاغذ ، عمدا ڇپائي ۽ پڪي جلد ھوندي بہ قيمت فقط ۳-۰۰ (ٽي روپيا) آھي . ٽپال رستي گھرائڻ لاءِ فقط قيمت جو مني آرڊر ڪندا . ٽپال خرچ جي وي پي موڪلي ويندي .

ملڻ جو ھنڌ:- آنند سنديش ڪاريالیہ -

پوسٽ شري آنند پور ضلع گنا (M P)

PIN---473-338

دک آهي ، ھاڻي ھلو ھلي ڀوڄن ڪرايو .

ھن تمام عزت ۽ شرڌا سان مهرشي کي ڀوڄن ڪرايو ، ڀوءِ پاڻ پرساد سمجهي ڀوڄن ڪيو . ان کانپوءِ ھن ڌن ۽ ڪپڙا مهرشي ۽ ھن جي ششن کي ڀيٽا ڪيا ۽ عزت سان موڪلايو .

ڪجھه ڏينهن کانپوءِ پٽ کي راڄ ڏئي بن ۾ هليو ويو ۽ پنهنجي باقي حياتي ڀڳوان جي سمرڻ - ڌيان ۾ لڳائي پنهنجو جنم سڦل ڪيو -

٦ - هن جو رخ ڇڏي ڦيري ، ست پرش سڄاڻ .
ٿي وڃي ٿو پوءِ جيو ڪي ، ست است جو گيان .
نام رٽڻ هؤ هردي وساءِ ، ڇڏي پوڄ اپار .

٧ - سک سڃي جي ڪاڻ آهي ، ڦقط نالو پرڀوءَ جو .
اي انسان ڪري وٺ تون ، سمرڻ ڏينهن رات .
لوڪ پرلوڪ ۾ نام پرڀوءَ جو جيو جو مددگار .

٨ - سنتن مها پرشن جي ، سکيا داس تون هردي ڌار .
ان تي عمل ڪرڻ سان ، پڪ ٿيندو روح جو سڌار .
آهين جي ابلاشي سک جو ، پل پل نام سنڀار .

ڪوِتا

١ - جيو جنم کان رهي ٿو، سک جو طلبگار.
ڪري ڪوشش سک پائڻ جو، هُو تمام بيشمار.
پر ملي ٿورن کي، ذرو بہ دنيا ۾ سک سار.

٢ - چاهي دل ۾ رهان سکي، جڳ ۾ جيون ڀر.
عزت مان ۽ تن دولت، سڀ کان هجي جهجهي.
اهائي سکيا ماءُ پيءُ کان ملي، ڏي سارو پريوار.

٣ - سکي پائڻ جا رستا، ڳهڻي هو لڳائي ٿو.
پر سک جي بدلي اس ۾ دک ٿي همت ۾ لڳي ٿو.
ڇاڪاڻ تہ غلط رستو من جو، سياڻا چون پڪار.

٤ - سچي سک جي ڳولا، ڪي ملي ماتا کان سکيا.
عمل ڪيو اُن، حاصل ڪيو سک اپار.
هن جيون ناو پرپوڙ جو، ڄاڻي ٿو سارو سنسار.

٥ - اهائي سکيا جيڪي، سنت پُرشن کان ٿي ملي.
انهن جي شرڻ ۾ اک، ورلاڪ جيو جي ٿي کُلي.
سچو سک آنند اهو پائي، دک کان ملي ڇوٽڪار.

سبب منش جي خيالن جو جهڪاءُ ٻه الڳ الڳ طرف ۾ ٿيڻ ۾ هوندو آهي ۽ الڳ الڳ شين سان انجو پيار ٿيندو آهي. ڪنهن منش جي خيالن جو جهڪاءُ ستگرو ۽ ڀڳوان جي طرف آهي، اهو انهن جي چرنن سان ۽ انجي سيوا ڀڳتي سان پيار ڪندو آهي؛ ڪنهن جو خيال تن جي طرف هوندو آهي ته انکي سنسار ۾ صرف تن پيارو هوندو آهي اهڙي طرح ڪنهنجو پنهنجي پٽ سان پيار آهي ڪنهنکي پنهنجي زال سان ته ڪنهنجو ڪنهن سان ڪنهنجو ڪنهن سان. ستگرو ۽ ڀڳوان سان ڪيل پيار ڇاڪاڻ ته سچو سوارٿ ۽ آتما جي ڪلياڻ لاءِ آهي. انڪري ستگرو ۽ ڀڳوان سان ڪيل پيار کي مهاپرشن "پريم" جي نالي سان سڏيو آهي انجي ابتڙ سنسار جي پراڻي پدارٿ وغيره سان ڪيل پريم جو ته، سوارٿ سان ڀريل ۽ آتما لاءِ نقصان ڪار، غلط رستي تي وٺي ويندو آهي، انڪري انهن سان ڪيل پيار کي "موهه" جو نالو ڏنو ويو آهي.

اها ڳالهه سچي ۽ مڃيل ڳالهه آهي ته منش جنهن به شيءِ سان پيار ڪري ته پنهنجي پياري شيءِ جو ڌيان من ۾ هر وقت ٽڪيل رهندو آهي.

عام سنساري منش جو پيار يعني موهه تن، مال ملڪيت، ڪٽنب پريوار، وڏائي شهرت ۽ سنسار جو عهدو اقبال، انهن مان ڪنهن نه ڪنهن طرف هوندو آهي. انهن مان جنهن شيءِ سان پيار موهه ڄاڻا هوندي آهي ته انجو ڌيان هر وقت من ۾ وسيل هوندو آهي. انجي ابتڙ هڪ گرمک ڀڳت جو پيار، پريم ستگرو ۽ پرماتما سان آهي ته ان جي من ۾ هر وقت ان جو ڌيان يادگيري وسندي آهي.

ٻنهي ڪارن جي منش يعني عام سنساري ۽ ڀڳتيوان گرمک

سَت اُپديش

هر هڪ جيو جي اندر پريم ۽ پيار جي ڀاونا سڀاوڪ طرح موجود آهي. هر هڪ منش ڪنهن نه ڪنهن انسان يا پدارٿ (شيءِ) کي ضرور پنهنجي دل ڏئي ٿو ۽ انسان پيار ڪري ٿو. پريم پيار جي ڀاونا کان ڪوبه انسان خالي نه آهي - اها ڳالهه ٻي آهي ته پنهنجي دل جي تار ڪنهن سان لڳائي ٿو، ڪنهن کي پيار ڪري ٿو.

عام طرح ائين چيو ويندو آهي ته انسان خالي هٿ آيو ۽ خالي هٿ هن سنسار مان ويندو آهي. پر اهڙي ڳالهه نه آهي. منش جڏهن هن سنسار ۾ جنم وٺي ٿو ته اڳئين جنم جا سنسڪار پاڻ سان کڻي آڻي ٿو. هر هڪ جا سنسڪار الڳ الڳ هوندا آهن. هڪ ماڻهو جا سنسڪار ٻئي ماڻهو جي سنسڪارن سان ميل نه کائيندا آهن. سنسڪارن ۾ جدائي هجڻ جي سبب سڀني جي ويچارن ۾ به جدائي هجڻ (لازمي) ضروري آهي ("هر هڪ جا پنهنجا خيال") اهو ئي سبب آهي جو هر هڪ انسان جا خيال الڳ الڳ ٿيندا آهن ۽ ان

ارٿ: موهه سڀني وڪارن جي پاڙ آهي ۽ انهن وڪارن مان وري ٻيون گهڻيئي ڪلپنائون ۽ ڪليش وغيره پيدا ٿيندا آهن.

مها پرش ته پڌڙي واڻي ۾ موهه جي لڇڻن کي ٻيو وڌيڪ سمجهائيندي فرمايو آهي ته :-

ڏن سمپٽ مائيا سنچيئي انتي دکدائي -

(گرو واڻي)

ارٿ :- ڌن سمپتي ۽ مايا وي سامان ڪٺي ڪرڻ جو نتيجو تمام دک، دائڪ ٿيندو آهي.

بهه سادهه دک پرايت هووءِ .
ڀوگهه روگ س انت وگووءِ .

(گرو واڻي)

ارٿ :- وڌيڪ سوادن ۾ قائل هئڻ سان بعدي رسن ڀوڳن جو تمام گهڻو واهپو ڪرڻ سان دک پراپت ٿو ٿئي. عيش عشرت ڀوڳن کي جنم ڏئي ٿو. اندرين رسن ۾ قائل جيو تمام دکي ۽ پريشان ٿو رهي،

دک ڪاوهه دک سنڇهي ڀوگهي ،
دک کي برڌي وڌائي .

(گورو واڻي)

ارٿ :- سنساري انسان ڌن - سمپتي ۽ مايا جا سامان ۽ شرير اندرين جا ڀوڳ کني ڪرڻ لاءِ دک سهي ٿو، دکن کي کنئو ڪري ٿو ۽ دک ٿي ڀوڳي ٿو ۽ انهي حالت ۾ دکن جو

۽ پنهنجي پنهنجي پياري شيءِ جو هر وقت ڌيان ، يادگيري وغيره ڪندا رهن ٿا . اُن جو نتيجو اهو ٿو نڪري ته ماڻڪ روپ ۾ پنهنجي پنهنجي پياري شيءِ سان رشتو جوڙيل رهي ٿو ۽ اهو اثر من تي ته اهڙو ٿي پوي ٿو .

هر هڪ شيءِ کي پنهنجو خاص گڻ هوندو آهي اُن سبب هر هڪ شيءِ جو پنهنجو اثر ٿيندو آهي - مثال طور پاڻيءَ ۾ ٿڌاڻ جو گڻ آهي انڪري پاڻيءَ جي ويجهو وڃڻ سان ٿڌڪار جو اثر من تي ضرور پوندو يعني پاڻيءَ سان لاڳاپو ڪرڻ سان من کي ٿڌڪار ضرور ملندي - باهه ۾ گرميءَ جو گڻ آهي ، انڪري اُنسان لاڳاپو ڪرڻ سان گرمي محسوس ٿيڻ لازمي آهي .

ٺيڪ اهڙيءَ طرح ڌن مال ، ملڪيت مايا وي سامان ۽ شرير ، اندرين جا ڀوڳ ، ڪٽنب پريوار وغيره اِهن سڀني جو اثر چنتا ، ڪلپنا ، اشانتي دک وغيره آهي ، انڪري اُهن سان ڪيل پيار موهه جو نتيجو من کي دک ، اشانتي ، ڪلپنا ، چنتا وغيره جي پراپتي ٿي ٿئي . حالانڪ سنساري من اُهن کي دل ان ڪري ٿو ڏئي ته مونکي سک ۽ شانتي ملندي پر ٿئي اُبتو ٿو ۽ اِئين ٿيڻ واجب به آهي ، ڇاڪاڻ جو اِهن سڀني جو اثر اِهو آهي ته اهو تي من جي سامهون ايندا وڃهن اُنهن جو اثر ٿي دک ، چنتا ، اشانتي ۽ ڪليش وغيره آهي ته پوءِ اُنهن سان موهه ڪري سک شانتي جي آشا رکڻ ته صرف ٻل (ڇڪ) آهي پر اگيانتا آهي . (ٻٻرن کان ٻير گهرڻ) جي برابر آهي - موهه باهه شري رامچرت مانس ۾ ورڻن آهي ته .

❁ چوپائي ❁

موهه سڪل وياڌن ڪر مولا ۽ تنهه تي ٻن اُپجهين بهو سولا .

(اُترڪانڊ)

ارٿ :- پريوءَ سان پريت ڪرڻ سان مَن کي سدائين سک ملندو آهي . پريوءَ سان پريت ڪرڻ واري کي ڪو به دک ڇهي نٿو سگهي .

پريُو چت آوئي تا ڪئَسي پيڙ .
هر سيوڪ ناهي جم پيڙ .
سڀ دک هر سمرت نسي .
جا ڪئہ سنگ سدا پريُو بسئي .
(گرو باڻي)

ارٿ :- جيڪڏهن پرماتما اندر وسي وڃي ، ته پوءِ مَن کي دک چنتا يا ڪلپنا ڇا جي ؟ دک ، چنتا وغيره ته اُن جي ويجهو به نٿي اچي سگهي . هريءَ جي سيوڪ کي جم دوت به ڪشٽ نٿا ڏيئي سگهن . پرماتما کي ياد ڪرڻ سان سڀني پرڪارن جا دک ناس ٿي وڃن ، ڇاڪاڻ ته پرماتما اُنهن سان سدائين انگ سنگ آهي .

چرن ڪمل سنگ لاڳي پريت .
بسر گئي سڀ درمت ريت .
مَن تن انتر هر هر منت .
نانڪ ڀڳتن ڪئہ گهر سدا آنند .
(گرو باڻي)

ارٿ :- جڏهن انسان جي پريت ڀڳوان جي چرن ڪملن ۾ هوندي آهي ، اُنهي سڀ کوٽي مت دور ٿي ويندي آهي .

واڌارو ٿئي ٿو .

منمک سيوا جو ڪري ڏوجهه ڀاءِ چت لاءِ .
پڇ ڪلت ڪٽنب هٿ مايا موهه وڌاءِ .
درگاهه ليکا منگيئي ڪوءِ انت نه سکي ڇڏاءِ .
بن ناوءِ سڀ ڏک هئه ڏکدائي موهه ماءِ .

(گورو باڻي)

ارٿ - من مت تي هلڻ وارو منمک سنساري جيو پرميشور جي بدران ٻين شين ۾ چت لڳائي انهي سيوا ۾ مشغول رهي ٿو ۽ پٽ استري ۽ ڪٽنب پريوار سان موهه وڌائي ٿو . پر ڌرمراج جي دربار ۾ حساب گهريو ويندو آهي ته هنن کي ڪير به ڇڏائي نٿو سگهي . پرميشور جي نالي کانسواءِ سڀ ڏک ئي ڏک آهي ، سنسار جو موهه مايا سڀ ڏک روپ آهي .

اهو آهي سنسار جي ڌن پدارٿ ۽ ڪٽنب پروار سان دل لڳائڻ ۽ ان سان پيار ڪرڻ جو نتيجو . جنهن جو ڦل منش کي صرف ڏک ئي پراپت ٿو ڪرائي . انهي اهڙو گورمک ، ڀڳتجن ستگرو ۽ پرماتما سان پريم ٿو ڪري ۽ انهجي سيوا ڀڳتيءَ ۾ دل لڳائي ٿو . ستگورو يا پرماتما چاڪاڻ ته آنند ڏيندڙ ۽ سکن جا ڀنڊار آهن ، ان ڪري ان سان دل جو لڳاءُ ۽ سنبنڌ جوڙي رهڻ سان گرمک ڀڳت جي حياتي سدائين سک آنند ۽ شانتيءَ سان ڀرپور رهي ٿي - ستپرش جون باڻيون ان ڳالهه جون پنيرايون ڪن ٿيون .

هرپ ڪي پريت سدا سک هوءِ .
هرپ ڪي پريت ڏک لڳئه نه ڪوءِ .
(گورو واڻي)

اِهو ئي پدارٿ ٿو هٿڪي سري -

(شريمد ڀڳوت گيتا ٨ . ٢)

ارٿ :- هي ڪنتي پتر ارجن، منش انت ڪال ۾ جنهن جنهن شئ جو سمرڻ ڪندي شرير ڇڏي ٿو، انکي اهو ئي حاصل ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته انجو سدائين ان سان پيار رهيو آهي -

انتڪال ۾ ڪنهن شئ سان ڌيان ڀٽائي رکڻ سان، ڪهڙي جوڻ ملندي؟ ان بابت ٿورو ظاهر ڪندي ستگرو جن جو چوڻ آهي ته :—

انت ڪال جو لڇمي سمري، ائسي چنتا مهه جي مري
سرپ جون ول ول اوتري - ١
اري بائي گوبند نام مت بسري - رهاءُ -
انت ڪال جو اِستري سمري، ائسي چنتا مهه جي مري
بيسوا جون ول ول اوتري - ٢ -
انت ڪال جو لڙڪي سمري ائسي چنتا مهه جي مري ·
سوڪر جون ول ول اوتري - ٣
انت ڪال جو مندر سمري، ائسي چنتا مهه جي مري
پريت جون ول ول اوتري . ٤

(گرو باڻي)

ارٿ :- جيڪو انسان انت سمي ڌن مال ملڪيت کي ياد ڪري ٿو ۽ انهنکي ياد ڪندي شرير ڇڏي ٿو. ان ماڻهوءَ کي وري وري ناگ جي جوڻ ۾ وڃڻو پوي ٿو. اِنکري اي ڀائي پرماتما جو نالو ڪڏهن به نه وسار ته جيئن انت سمي پرماتما جو ڌيان سمرڻ ٽڪيو رهي. جيڪو انسان ڇاڙيءَ جي وقت اِستريءَ کي ياد ٿو ڪري ۽ اُهي يادگيري ڪندي شرير ڇڏي ٿو، انکي وري وري

جنهن جي تن من ۾ ٻئي روم روم ۾ پرماتما جو واسو وسي ٿو وڃي شري گروناڪ ديو جن جو چوڻ آهي ته اهڙن ڀڳتن جي گهر سدائين آنند ٻڌو رهي ٿو -

اهڙو فرق آهي موهه ۽ پريم ۾، يعني تن سمپتي، ڪٽنب، پريوار ۽ سنساري پدارٿن ۾ چت سان ناتا جوڙڻ ۾ ۽ پرماتما جي چرن ڪملن سان پريت جوڙڻ، اُن جي يادگيري، ڌيان ڀڄن ڪرڻ ۾. ڪٽنب پريوار ۽ تن مال ملڪيت ۽ مايا وي سامان ۾ گهرو تعلقات رکڻ ۽ موهه لڳائڻ سان انسان کي سدائين دک، چنتا، ڪلپنا ۽ اشانتي ئي حاصل ٿي ٿئي. جڏهن ته پرماتما سان پريم ڪرڻ ۽ اُن جو چنتن ڌيان ڪرڻ سان سک. شانتي ۽ آنند پراپت ٿو ٿئي ۽ سڀني پرڪارن جا آڌي، وياڌي، اپاڌي جي دکن کان ڇوٽڪارو ٿو ملي -

هڪ ٻي ڳالهه ته هت ويچار ڪرڻ ضروري آهي. اها هيءَ ته منش جنهن شيءِ سان چت لڳائي ٿو، پيار ڪري ٿو ۽ جنهن جو ڌيان يادگيري ڪري ٿو، اُن جو اثر صرف هن جنم تائين ڪونه ٿو رهي، پر ايندڙ جنمن تي به اثر پوي ٿو، ڇو ته اُن شيءِ سان سرت جو گهرو پيار هئڻ سبب انت سمي ۾ به سرت جو گهرو تعلقات لڳو رهي ٿو. انت سمي ۾ سرت جنهن شيءِ ۾ اٽڪيل هوندي اُن موجب اُن کي اڳلو جنم ملندو. ڀڳوان شري ڪرشن چندر جي مهاراج ڀڳت ارجن کي چوي ٿو ته :—

جڏهين جيو آهي ڇڏڻ ڏي سرير ·
رکي جنهن به شيءِ ڏي ٿو اُن دم اکير ·
اُنهيءَ شيءِ ۾ واسو وڃي ٿو ڪري ·

سهجو ڇڏوڻي پد ٻسڻ، گاوت ويد پراڻ ۔
پرميشر کي ٻاسنا، انت سمي من ماهين ۔
تن ڇڏڻ هر ڪون ملڻ، اپجڻ ٻنسڻ ناهين ۔

ڀڳوان شري ڪرشنچندر مهاراج ڀڳت ارجن جي لاءِ ڪٿن ٿو ڪري ته:- جو انسان جڳت ۾ جنم ٿو ڌري ۔

مرڻ ويل سارينديءَ مونکي مري ۔
نه شڪ آهي ان ۾ نه آهي وڏاءُ ۔
مري ٿو ملي مون سان پائي بقاءُ ۔
(شريمد ڀڳوت گيتا ٨ ـ ٥)

ارٿ:- جو پرش انت ڪال ۾ مهنجو ئي سمرڻ ڪندي شرير ڇڏي ٿو، اهو مهنجو ساڪيات سوروپ کي پائي ٿو اُن ۾ ذرو به شڪ نه آهي ۔

ايترو ٿورو فرق آهي سدگورو ڀڳوان جي چرڻ ڪملن سان پريم ڪرڻ ۾ ۽ ڪٽنب پريوار، ڌن، سمپدا ۽ مايا جي سامانن سان موهه وڌائڻ ۾ هاڻي ماڻهو پاڻئي وچار ڪري ته هنکي ڪنهن سان پيار ڪرڻ کپي ۽ ڪنهنسان پنهنجي چت کي جوڙڻ کپي مهاپرشن جي ڀاڻين مان ته اهو صاف ثابت ٿي ويو ته مڙس کي واقعي سدگورو ۽ پرماتما سان دل جي لڳاءُ کي جوڙي رکڻ کپي ۽ انهيءَ چرن ڪملن سان پريم پرتي رکي ته جيئن انت سمي ۾ هن کي ان سان ڌيان جڙيل (ڳنڍيل) رهي . سدگرو ۽ پرماتما جي چرن ڪملن سان پريم ڪرڻ ۽ اُن جو ڌيان سمرن ڪرڻ سان هن جو هي ٽڪ جيون به سکي، شانتي، آنند سان گذرندو ۽ انت سمي ۾ اهو اُن پاڻ ۾ ڌيان ٻڌيو رکڻ سان پرلوڪ ۾ سڌري ويندو ۔

ولڪيا جي روپ ۾ جنم وٺڻو ٿو پوي . جو ماڻهو انت سمي پنهنجي سنتان کي ياد ڪري ٿو ۽ انهي يادگيري ڪندي مري ٿو ، اهو وري وري سوئر جي جوڻ ۾ وڃي ٿو . جڏهن انسان کي مرندي مڪان ، جائداد وغيره کي ياد ٿو ڪري ۽ انهن کي ياد ڪندي شرير ڇڏائي ٿو ته انکي وري وري پريت جي جوڻ ۾ وڃڻو ٿو پوي .

انهيءَ باري ۾ سنت سهجو بائيءَ جو چوڻ آهي ته :—

سهجو رهڻ من باسنا ، تنسي پاوي ٺؤر .
جهان آس تنهن باس هڻ ، نسچي ڪري ڪروڙ .
ديهه ڇوٽيڻ من ۾ رهڻي ، سهجو جنسي آس .
ديهه جنم جنسو ملڻ ، جنسي هي گهر باس .

چوپائي

جاڪي آس رهڻ مندر ۾ ، هوڪر گهولس بسڻ سو گهر ۾ .
رهڻ باسنا دربه مڃهارا ، جنمڻ ناگ هوئه بن ڪارا .
رهڻ باسنا ٽريا ماهين ، ڪوئي سوان ٿره ٿن آهين .
رهڻ باسنا پرشا پرڪي ، ڪتيا هوئه ڇوهڙي گهر ڪي .
جاڪڻ رهي پتر ۾ آسا ، سوئر جنم نيچ گهر باسا .
جاڪا من رهڻ راج دواري ، هستي هوسر مٿلي ڇاري .
رهڻ باسنا نير پياسي ، مين دهه ٿر جل کي باسي .
رهڻ باسنا باهن سنگا ، هوئي جنم ليهه باهن انگا .
جهان باسنا جت هي جاءِ ، ٻهه مت بيد پران گائي .

اهي اثر جو پرماتما ستگوروءَ جي چرن ڪملن سان پريم— پريت جو سنبنڌ جوڙي رکن ٿا ۽ سدائين انهن جو ڌيان سمرن ڪندا آهن انهن جي باري ۾ سنت سهجو بائي جن چيو آهي ته :—

جان کي گورو ۾ باسنا ، سو پاوي پڳوان .

ٻلي شاهه هن کان پڇيو ڀڳوان کي ڪهڙي ريت پائي سگهجي ٿو؟ سنت عنايت شاهه ڪلندي چيو ”ٻليا رب دا کي پاونا اِڌرون پٽنا تُو اوڌر لاونا “ مطلب هي ٻلي! ڀڳوان کي حاصل ڪرڻ ڪهڙي مشڪل ڳالهه آهي؟ بس ٻلي لاءِ ايترو ئي ڪرڻو آهي ته اِڌر سي (سنسار سي) چت کي ڪڍي اور اُڌر (ڀڳوان ۾) لڳانا هئه (لڳائڻو آهي)

سنت عنايت شاهه جا اهي وچن ٻلي شاهه جي دل ۾ پڪا ٿي ويا ۽ اهي ئي وقت سنت عنايت شاهه کي پنهنجو گرو ڪري اُن کان دکشا ورتي. سنت عنايت شاهه جيتوڻيڪ جاتي جو آرائين هو، پر هُو وڏي پدويءَ جو سنت هو. ڀڳتي لـــ ڪنهن جي موروثي جائداد نه آهي ڪانه، اڪرائين آهي نه هيءَ فقط اوچي ڪل (خاندان ۾ پيدا ٿيندڙ) کي ملندي آهي. ڀڳتيءَ بابت ته سنت پرشن ته چٽيءَ طرح صاف چيو آهي -

دوها

ڀڳتي گيند چوغان ڪي، ڀاوءِ ڪوءِ لئه جاءِ.
ڪهه ڪبير ڪڇ ڀيد نهين، ڪها رنڪ ڪها راءِ.
(پرم سنت شري ڪبير صاحب)

سنت عنايت شاهه ڀڳتي پرمارٿ جون سڀ منزلون پار ڪري اوچي استان کي حاصل ڪري چڪو هو. ٻلي شاهه جي دل ۾ پنهنجي گرديو لاءِ تمام گهڻي شرڌا ۽ وشواس هو. هو هن جي هر هڪ آگيا جي دل و جان هت چت سان پالنا ڪندو هو ۽ ان جي سيوا ۾ پنهنجي خوش قسمتي سمجهندو هو. پر ڪجهه ڏينهن کان پوءِ هو دبدا (دچتائي) ۾ ڦاسي پيو. ٿيو ائين جو هن جا سڀ مٽ مائٽ، يار دوست سڀ اُن ڳالهه کي لڳا ۽ ڏوراپا ڏيڻ لڳا ته سيد جهڙي وڏي خاندان جو ٿي ۽ هڪ ڇوٽي ذات جو آرائين کي گرو

دبڌا

هر هڪ منش جي حياتيءَ ۾ ڪڏهن نه ڪڏهن اهڙي حالت ضرور اچي ٿي جو هو دبڌا (ٻه چتائي) ۾ ڦاسي وڃي ٿو ۽ هو ٻن جدا جدا ڳالهين مان ڪنهن هڪ پڪتائي ڳالهه تي پڪو ويچار ڪري سگهي . دبڌا جو مطلب آهي ٻڪ ڪرڻ جي گهڻتائي دبڌا جي اهڙي حالت ۾ جڏهن منش پنهنجي لاءِ فيصلي ڪرڻ ۾ سمرٿ نه هوندو آهي . ڪڏهن ڪڏهن ائين ٿيندو آهي جو ڪنهن ٻئي ماڻهو جي طرفان چئي ويل رواجي ڳالهه به ، ان ماڻهو کي ٻه چتائي دبڌا جي چڪر مان ڪڍڻ ۽ صحيح فيصلي ڪرڻ ۾ مدد ملي ويندي آهي . اهڙا گهڻئي مثال اتهاس ۾ پيا پيا آهن . هت هڪ سنت ٻلي شاهه جي حياتيءَ جي هڪ گهٽنا جو بيان ڪجي ٿو -

سنت ٻلي شاهه پنجاب ، مع جو هڪ مشهور سنت ٿي گذريو آهي هي سيد ڪل مان هو جا مسلمانن ۾ هڪ اوچي (وڏي) جاتي سمجهي وڃي ٿي . هنکي جڏهن ڀڳتي جي لگن لڳي ته هنکي پورڻ گورو جي تلاش (ڳولها) هئي . ڪجهه ڏينهن کانپوءِ هنکي معلوم ٿيو ته سنت عنايت شاهه هڪ تمام وڏي پدوي جو سنت آهي

ته هو انهي شرن ۾ ويو جڏهن وقت هو هن جي شرڻ ۾ ويو . سنت عنايت شاهه جاتي جو آرائين هو ، باغ ۾ ڪم ڪري رهيو . هو هڪ جڳهه تان ٻوٽو پٽي ٻي جڳهه تي لڳائي رهيو هو .

(ٻڌائي) جي چڪر کان ٻاهر ڪڍيو. ٻنگياٽيءَ جي چوڻ جو مطلب ته اهو هو ته سائين جي توهانجا ڪوڙا ڪٿي مٽيءَ سان خراب نه ٿي پون، انڪري رستي جي هڪ پاسي ٿي وڃو، پر آئي شاهه انهن سمجهو ته ٻنگياٽي اڪي انهن چئي رهي آهي ته هڪ طرف ٿي وڃو يا سنسار جي طرف يا گروهه جي طرف. جي ڪڏهن سنسار جي طرف مڙ، سنبنڌي مت مائٽن جي ڪوڙي پيار جي خواهش آهي ته سنسار جو ٿي وڃ ۽ جي ڀڳتي پرمارٿ جي ابلاشا (چاهه) آهي ته پوءِ گوروءَ جو ٿي وڃ - هن وچار ڪيو ته ڪٿي گورو ديو جي سنگت ۽ سيوا، سک شانتي مکتي جو ساڌن ۽ ڪٿي سنسار جي موهه ممتا، دک اشانتي ۽ بنڌن جو ڪارڻ. انڪري ڪڏهن به قيمت تي گور ديو جي پوتر صحبت کي ڇڏي نه سگهجي :

هو ٻنگياٽيءَ جي طرف ويو هڪي گهڙيءَ عزت سان نمسڪار ڪندي چيو - ماتا، توهان جا وڏا شڪرانا، جو نه توهان مونکي دنيا جي چڪر مان ڪڍي ڇڏيو - مان توهانجو اپڪار حياتيءَ تائين نه وساريندس.

انهن چئي هو وڏي همت ۽ پختائيءَ سان گرو ديو جي ڪٽيا طرف وڌڻ لڳو. هن مڙن، سنبنڌين ۽ اوڇي ڪل کي هميشه هميشه لاءِ تياڳ ڪري ڇڏيو. گر ديو جي راضپي کي حاصل ڪرڻ لاءِ هن تن - من پراڻ جي بازي لڳائي ڇڏي. ۽ آخر ۾ ڀڳتيءَ جي سچي دات پراپت ڪري هن پنهنجو جيون سڦل ڪيو ۽ سنسار ۾ پنهنجو نالو امر ڪري ڇڏيو.

ڪيو ائين ؟ ۽ انهي سيوا خدمت نه ڪرڻ ، ائين ڪري تـــو پنهنجي خاندان جي سڄي عزت مٽيءَ ملائي ڇڏي اگر نوڪي گرو ڪرڻو ٿي هو ته ڪنهن اوچي خاندان واري کي گرو ڪرڻ ها .

ٻلي شاهه کي اهڙيون ڳالهيون ٻڌي ڏاڍو ڏک ٿيندو هو ، چاڪاڻ ته هو پرمارٿ جي نظر رکندو هو ۽ گروءَ جي وڏائي ۽ مهما کي چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو . هو ان ڳالهه کي به چڱيءَ طرح ڄاڻندو هو ته ڀڳتي پرمارٿ جي رستي ۾ ذات پات ، اوچ نيچ جو ڪو به سوال نه آهي ۽ منهنجو گرديو انهين ذات جو هوندي به هو هڪ اوچ ڪوٽي (وڏو ڀڳت) جو سنت آهي . تنهن ڪري به پنهنجي مٽ مائٽن ، يار دوستن جو ڳلي ڪري مقابلو ڪرڻ جي همت ڪانه هئس هڪ طرف پورڻ گرو جي سنگت ۽ سيوا جو تمام گهڻو فائدو هو . جنهنکي هو ڪنهن به قيمت تي ڇڏڻ نٿي چاهيو . ٻئي طرف ذات جي اوچائي ۽ مائٽن جي ڏوراپن جو سوال هو . جيڪو تير وانگر هن جي دل تي لڳندو هو - ٻلي شاهه ڪري ته ڇا ڪري هو وڏي دبدا (پريشاني) ۾ ڦاسي پيو - پيو ڪو چارو نه ڏسي رشتيدارن جي ڏوراپن کان بچڻ لاءِ هو چوري ڇپي (لڪي) گرو ديو وٽ وڃڻ لڳو -

هڪ ڏينهن جي ڳالهه آهي . ٻلي شاهه گرو درشن جي چڪ سبب سويل پرڀات جو (ٿوري اونده وقت) پنهنجي گهران نڪتو ۽ تمام تيزيءَ ، صاف ڪپڙا پائي رکيا هئا . سنجوڳ سان هڪ ڀنگياڻي رستي کي صاف ڪري رهي هئي ۽ ٻهاري ڏيڻ سبب مٽي اڏامي رهي هئي - ٻلي شاهه پنهنجي ويچارن ۾ جي مشغولي ۾ وڃي رهيو هو ته اتري ۾ ڀنگياڻي پري کان ٿي هن کي سجاڳي آواز ڪيو - سائين جي هڪ طرف ٿي وڃو .

ٻلي شاهه چرڪ ماري اٿيو ، ان هڪ اکر ڇڻ ۾ هنکي دبدا

شري امر ڀاڏي

(مايا ۽ ڀڳتي)

هن سنسار جي اُتپتي ايشور پرماتما جي رچنا آهي ، هيءَ سڀي سرشٽي پرماتما جي ٺاهيل آهي ، پر ايشور جي رچنا هوندي به ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته هڪ ماڻهو دکي آهي ته ٻيو ماڻهو سکي آهي سوال اٿي ٿو ته جڏهن هيءَ ساري رچنا ايشور جي آهي ، هيءَ ساري سرشٽي پرماتما جي ئي طرفان ٺاهيل آهي ، ته پوءِ اِئين ڇو آهي ته هڪ ماڻهو سکي آهي ٻيو دکي؟ اِئين ٿيڻ جو ڪهڙو سبب آهي ؟ سنسار جو هر هڪ پراڻي سکي ڇو نه آهي ؟ اُنجو سبب اِهو آهي ته جڏهن ايشور سنسار جي رچنا ڪئي ته هن ٻه هڪ ٻئي جي برخلاف شڪتيون به ساڻ ساڻ ۾ پيدا ڪيون . هڪ ڀڳت ته ٻي مايا. اِهي ٻه پهلو ٿيا . اهڙيءَ طرح ڀڳتي ۽ مايا جا ٻه پهلو آهن . جيڪي انسان ڀڳتيءَ کي چاهيندڙ آهن ، هنجي هردي ۾ ڀڳوان لاءِ پريم آهي ، جيڪي ڀڳتيءَ کي چاهن ٿا . اُهي سولائي سان سک کي پراپت ڪري ٿا وڃن . ڇاڪاڻ ته ڀڳتيءَ جو اثر ئي سکدائي آهي يعني سک ۽ آنند ڏيڻ وارو آهي . اُنجي ابتڙ جيڪي مايا کي چاهيندڙ آهن اُنهنجي دل ۾ هر وقت مايا ۽ مايا جي سامان کي حاصل ڪرڻ جي خواهش لڳن اندر ۾ رهندي آهي. مايا کي چاهڻ وارا ، اُهي ماڻهو سدائين دکي ۽ اشانت رهن ٿا ڇاڪاڻ ته مايا جو اثر ئي دک ۽ اشانتي پيدا ڪرڻ وارا آهن .

ڀڄن

(١٥٨٥)

طرز :- جهان ڏال ڏال پر ....

ٽيڪ :- آئي هئن جڳ ۾ مها پرش ، ڏؤاي هوئي جيو ترائي .
ڀو ساگر پار لگائي .

١ - جنمون سي ڀٽڪي روحون کو . مالڪ کي سنگ ملائي هئن .
کشٽ اپني تن پي أٺا کر کي . جيون کي کشٽ مٽائي هئن .
ورشا کرلي هئن ڀڳتي کي . همين شيتل شانت بنائي .

٢ - ڀڳتي کيا هئي مايا هئي کيا . سب کول همين بتلائي هئن .
کس کارڻ جيو يهان آيا . يه راز همين سمجهائي هئن .
ديتي سندر اپديش . همين ڀڳتي کا پٿ درسائي .

٣ - هوتا هئي أنکا ڏيپ کيول . جيون کو سدا چتانا .
گهر گهر دي نام کا سنديشا . گرو گيان کا ديپ جلانا .
ڀڳتي سيوا اور نام کي . آئي سڄي دات لٽائي .

٤ - أنکي قسمت کا کيا کهنا . جو شرڻ ۾ أنکي آجائي .
کر کي شري چرڻون کي سيوا . ڀڳتي کا ساچا ڦل پائي .
هئي ”داسنداس“ کو شرڻ ليا . أسکي قسمت کو جڳائي .

خواهند" يعني ، جيڪي ٻرڪ ٻرڪ جي نظر رکڻ وارا انسان آهن ، جنهنجي گيان جي اک کليل آهي ، اهي سدا قائم ۽ سچي شئ جي چاهنا ڪن ٿا پر اهي گيان جون اکيون کٿان کلنديون ؟ اهي گيان جون اکيون ست پرشن جي سنگت ۾ انهي جي اپديشن کي دل ۾ ڌارڻ ڪرڻ سان کلنديون .

انجي ابتڙ " فدا خواهند جا هلها " يعني جيڪي اگياني ، ناسمجهه انسان آهن ، جن کي ست پرشن جي سنگت نه ملي آهي جي مايا ۾ قائل آهن ؛ اهي فدا ۽ ناسوان شين کي ئي چاهين ٿا ۽ مايا کي ئي سڀ ڪجهه سمجهن ٿا .

عام سنساري انسان ڇو دکي آهي ۽ ڀڳت جن ڇو سکي آهن؟ جڏهن ٻئي هن سنسار ۾ رهن ٿا جنهنجي رچنا ايشور ڪئي آهي انجو سبب اهو آهي ته عام سنساري انسان مايا جي سامان کي چاهيندا رهن ٿا . جنجو اثر ئي دک ، اشانتي پيدا ڪرڻ وارو آهي اهي مايا جا سامان نه چاهين ۽ سک نه چاهين ته اهو ڪيئن ممڪن ٿيندو ؟ انهنکي ته هر حالت ۾ دک ئي پراپت ٿيندو .

انجي ابتڙ ڀڳت ماڻهو سدا ڀڳتي جي چاهنا رکن ٿا جا ڪيترا ئي سک ، آنند ڏيڻ واري آهي ، جا سڀني سکن جي کاڻ آهي انڪري اهي سدائين سکي رهن ٿا . دک انهنجي ويجهو اــ نه ٿو اچي سگهي .

گرمک جن ٻاڻ ئي دل ۾ ويچار ڪري ته سنسار ۾ اهڙو ڪهڙو ماڻهو آهي جو دک چاهيندو هجي ؟ ڪير به نه ، سڀ سک چاهين ٿا . پر سک جي چاهنا رکندي به دکي رهندا آهن . انجو سبب اهو آهي ته مايا جي سامان جي چاهنا دل ۾ وسائي رکن ٿا انکي پراپت ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳا رهن ٿا .

جيڪڏهن ڪو پياسو انسان پاڻي پاڻي چوندو رهي ته انهين ڪرڻ سان انجي پياس نه ڪا ختم ٿيندي . پياس (اُڃ) تـ

هيءُ سنسار دوطرفا آهي ۽ هن جي اندر ٻنهي پهلو سدائين موجود آهن ، اهو قدرت جو نيم آهي . اهو جهونون وڏان آهي سنسار ۾ سڀ جا سڀ ڀڳت ڏسجي وڃن ، ائين به نه آهي نه سڀ جا سڀ مايا ڌاري ڏسجي وڃن . اگر سنسار ۾ ڀڳتيءَ کي چاهڻ وارا ماڻهو به موجود آهن . ته مايا کي چاهڻ وارا به موجود آهن . جيئن سنسار ۾ ٻن پدارٿن جي رچنا ايشور ڪئي تيئن ٻن قسمن جا ماڻهو به موجود آهن :- سنتن جا وچن آهن ته .

شعر

همه چيزي بقا فاني ميسر اند بدرگاهش .
چشم بينا بقا خواهند فنا خواهند جاهلها .

ارٿ :- پرماتما جي طرفان ٻئي هن درگاهه ۾ يعني ائين چئو وڃي ته هن سنسار ۾ قائم ۽ فنا ٻنهي پرڪارن جون شيون موجود آهن . جيڪي پرک واري نظر رکن ٿا . يعني جيڪي گيانوان آهن اهي ته قائم رهڻ وارين شين کي چاهن ٿا ، جڏهن اگياني ۽ بي سمجهه انسان فنا ٿيندڙ شين کي چاهين ٿا .

ايشور سنسار ۾ ٻنهي پرڪارن جون شيون پيدا ڪيون . قائم به فنا به ، سدا رهڻ واري سچي شيءِ ايشور جي ڀڳتي ايشور جو نالو ۽ فنا ٿيڻ واري جوکيون شيون مايا ۽ مايا جا سامان به .

مايا ڪهڙي شيءِ آهي ؟ سنسار ۾ جيڪا به موجود رچنا آهي جيڪي به ڏسڻ وارين شيون آهن . اهي سڀ مايا جي دائري اندر آهن ۽ انهن سڀني کي مايا ٿي سمجهڻ کپي . مايا جي انهن شين جي چاهنا دل ۾ رکڻ ، انهن شين جي گهر ڪرڻ ۽ انهن کي حاصل ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن پريشان ٿيڻ ، سمجهو خود ئي دک ، اشانتي ۽ پريشاني حاصل ڪرڻ آهي . انڪري " چشم بينا بقا

۽ ناٽي ڪٽڻو پوندو پوءِ هٿ کي چپن (مک) وٽ آڻي ناٽي پيئڻو پوندو آهي، انهن وچين هن جي پياس (اُڃ) ختم ٿيندي آهي. اهڙيءَ ريت جيڪي گرمک ڀڳتي جي پياس يا اڃا چاهنا وغيره ڪٽي ست پرشن جي ولجهو اچن ٿا انهن کي نه ست پرشن جي سنگت ۾ اچي انهن جي آگيا موجب ڀڳتي جي نيمن جي پالنا ڪرڻي پوندي آهي. اهي نيم ڪهڙا آهن؟ اهي نيم آهن :-

پنج اپاس، سمرڻ، ڌيان، ستسنگ ۽ نشڪام سيوا انهن نيمن کي ڪرڻ سان هردي ۾ ڀڳتي جا وچار داخل ٿيندا وڃن ٿا ۽ مايا جا خيال پري ٿيندا ٿا وڃن. مايا جو ڪچ وچار نه ست پرشن جي اپديش اچڻ سان ختم ٿي ٿا وڃن ۽ باقي ڀڳتي جي نيمن جي پالنا ڪرڻ سان سمايت ٿي ٿا وڃن. جڏهن انسان شرڌا ۽ وشواس سان انهن نيمن جي پالنا ڪري ٿو ته پڪ ٿي پڪ هن جي هردي ۾ ڀڳتيءَ جو نواس ٿيندو ويندو، ستگوروءَ جو شبد هردي ۾ وسي ويندو، ڪام ڪروڌ، لوڀ موه، اهنڪار وغيره وڪار دور ٿي ويندا جنهن سان هردو پوتر ۽ نرمل ٿيندو ويندو، انهوءَ ڪري اهو ٿيندو. جو منش پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي سگهندو. پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ ڇا آهي؟ ڇا شرير کي ڏسڻ پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ آهي؟ نه، بلڪل نه. پنهنجو پاڻ کي ڏسڻ جو مطلب اهو آهي پنهنجي آتما کي ڏسڻ، پنهنجي آتما جو درشن ڪرڻ.

جهڙيءَ طرح شرير کي ٻاهر جي درشني (آرسي) سان ڏسي سگهبو آهي سو به انهن جڏهن آرسي (شيشو) صاف ۽ نرمل هوندو آهي اگر شيشي تي مٽي چڙهي پئي هوندي ته شرير نظر نه ايندو اهڙيءَ طرح جيستائين ستگوروءَ جو شبد ۽ ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان هردي مان وڪارن جي ميل لهي ويندي ۽ هردي روپي شيشو شڌ، پوتر ۽ نرمل ٿي ويندو ته انهيءَ شيشي ۾ آتما پرماتما جو درشن ٿيندو ساکشاتڪار ٿيندو هم جنس جو هم جنس سان ميل ٿيندو آهي. جڏهن آتما صاف

اڃي تڏهن ختم ٿيندي جڏهن پاڻيءَ جي واڌهو. کوهه ۽ تلاو، ندي وغيره وٽ وڃون ۽ پاڻي پيئڻ جي ڪوشش ڪندو ٺيڪ اهڙيءَ طرح صرف سک سک چوڻ سان نه سک حاصل ڪري نه ٿيندو سک جي پراپتي نه منش کي تڏهن ٿيندي جڏهن هو سک کي حاصل ڪرڻ وارا ڪرم ڪندو، جڏهين هو پرماتما جي ڀڳتيءَ کي دل ۾ وسائيندو، انهن ڪرڻ کانسواءِ سک جي پراپتي ڪڏهين به ممڪن نه آهي.

هاڻي سوال اٿي ٿو ته سچو سک ڏيڻ واري ڀڳتي ڪٿان ملندي؟ ڇا اها سنسار ۾ ملندي يا سنسار جي ڪنهن دڪان ۽ بازار مان ملندي؟ نه ڀڳتيءَ جي هيءَ دات سنت پرشن جي دربار مان ملندي اِن ڪري جيڪي ڀڳتيءَ کي چاهڻ وارا ڀڳتي ارادي وارا هوندا آهن، جن جا ڪيترن ئي جنمن جا ٻج سنسڪار هوندا آهن ته، انهن جي اها مضبوط خواهش ۽ ٻج سنسڪار انهي کي مها پرشن جي دربار ۾ پهچائي ڇڏين ٿا -

گرمک، پاڻ ٿي انومان لڳائين ته انهن کي جو سنت پرشن جي سنگت جو شڀ موقع مليو آهي، اهو ڪيئن ممڪن ٿيو؟ اِن ڪري جن گرمکن جا ڪيترن جنمن جا ٻج سنسڪار هئا، انهن جي دل ۾ ڀڳتيءَ جي لگن ۽ گهر هئي، انهن جي اندر ڀڳتيءَ لاءِ پياس هئي ۽ جن شين ڪري انهن کي سنت پرشن جي سنگت ۾ اچڻ لاءِ مجبور ڪيو. هاڻي جڏهين پاڻ سان اهڙو سونهري ۽ دراپ موقع مليو آهي ته پوءِ گرمکن جو ڪهڙو فرض ٿي ٿو وڃي؟

جڏهن هڪ پياسو ماڻهو پاڻي جي ڳولها ڪندي ڪندي نديءَ وٽ پهچي وڃي ٿو، نه فقط نديءَ وٽ پهچڻ سان ٿي هن جي اُڃ ختم نه ڪانه ٿي ٿيندي، هنکي پاڻيءَ جي واڌهو وٺڻو پوندو. جيڪي ڪري هٿ اڃان وڏائڻو پوندو. (هلندڙ)

کي اندر جي چاهه هئڻ کپي، لگن ۽ پياس هئڻ کپي. جيتري اسڪي اندر ۾ زبردست چاهه هوندي، لگن هوندي، ۽ ڇڪ هوندي ته، اوترئي وقت ۾ هو پنهنجي لکش (مقصد کي حاصل ڪري سگهي ٿو. چاهي ته پنهنجي مقصد کي ٿوري وقت ۾ حاصل ڪري، چاهي ته وڌيڪ وقت ۾. اهو گرمک تي پنهنجو پاڻ تي ڇڏيل آهي. جيتري ان جي اندر شرڌا هوندي، جيتري لگن چاهه ۽ اُتساهه هوندو، اوترو جلدي اهو پرماتما کي حاصل ڪري سگهي ٿو ۽ سک. وٺي سگهي ٿو.

ان ڪري مها پرش جي ٻڌايل نيمن کي شرڌا لگن وشواس سان عمل ڪندي هوندي گورمک انسان پنهنجي مقصد کي حاصل ڪري وٺن ٿا، ۽ پرماتما کي حاصل ڪري جيون ۾ سک آنند ۽ خوشيءَ سان گذارين ٿا ۽ پنهنجو پرلوڪ ۾ ٺاهين ٿا.

سماپت

پوتر ۽ نرمل ٿي ويندي آهي ته اُن آتما جو پرم پوتر ، نروڪار
پرماتما سان ميل ٿي ويندو آهي -

پرماتما ته سنسار ۾ ٻئي شيون ناهيون آهن - ڀڳتي ۽ مايا
۽ ، هاڻي منش تي ڇڏيل آهي ته اُهن ٻنهي شين مان جيڪا
وڻيس سا کڻي - پر اها پڪ آهي ته ٻنهي مان ڪنهن ۾ هڪ کي
پائي سگهي ٿو - ۽ هڪ جا ئي دل ۾ واسنا ، پيدا ڪري جڳهه ڏئي
سگهي ٿو . جيڪڏهن انسان مايا جي واسنا ن جو تياڳ ڪندو ته
سچاوڪ ڀڳتيءَ جا ويچار دل ۾ پيدا ۽ اُن ڀڳتيءَ جي پرتاپ
(طاقت) سان آتما جو پرماتما سان ميلاپ (گڏجاڻي) ٿي ويندو
(جيڪا جنم . جنم کان الڳ هئي) جنهنجي پراپتي ڪرڻ
انسان جو پرم لڪش ڏيهه آهي .
جڏهن ڀڳتيءَ جي پرتاپ سان آتما پنهنجي انشي پرماتما سان
وڃي ملندي ته هوءَ پرم سک پرم آنند کي حاصل ڪندي . اُن
نموني آتما جو پرماتما سان ملي وڃڻ ٿي جيو پنهنجي مقصد کي
حاصل ڪري وٺندو .

گورمک جن اُوماڻ لڳائن ته پرماتما کان ٻه وڌيڪ ٻي شيءِ
ڪا دنيا ۾ آهي ؟ جڏهن سڄي سرشٽي اُنجي ٺهيل آهي ۽ جڏهن
ساري رچنا اُن پرماتما جي آهي ته پوءِ سرشٽيءَ کي ٺاهيندڙ ني
پرماتما کي جنهن پاتو ، اُن ڄڻ سڀ ڪجهه پاتو . اُنکي باقي
ڪهڙي ڪمي رهي ؟ رشي ۽ مني ۽ تپسوي ، يوگي وغيره سڀ
اُنهيءَ ڪوشش ۾ لڳا پيا آهن . سڀ اُنڪري ڪوشش ۾ لڳا پيا
آهن ۽ پرشارٿ پيا ڪن ته ڪنهن به نموني پرماتما سان ميلاپ
ٿي وڃي - اُنهيءَ پرماتما کي حاصل ڪرڻ لاءِ مها پرشن اهڙا سولا
ساڌن (نيم) ٺاهيا آهن ، جن تي عمل ڪري گورمک انسان
جلد ئي پرماتما کي پراپت ڪري سگهي ٿو . پر اُن لاءِ گورمک

وچن ساگر (سنڌي)

ٻرهمي ٻالڪن کي اهو پڙهي ڪري ڏاڍي خوشي ٿيندي
جڏهن وچن ساگر جي ڪيترن سالن کان گهر هلندي آئي هئي
۽ هندڪي سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇاپايو ويو، سو اُنهن سنڌي ٻارن
طلب کي نظر ۾ رکندي هوندي وچن ساگر سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ڇا
ويو آهي. جو هاڻي ڇپجي ڪري تيار ٿي چڪو آهي
هيءَ پستڪ هندي، اڙدو ۽ گرمکي اکرن ۾ پڻ ميسر آهي. هن و
ساگر ۾ مها پرشن جا چونڊ وچن ڏنا ويا آهن. جو ڪ ڀڳتي ما
لي هلندڙ برهمڻن لاءِ روشنيءَ جو منار آهن ۽ هيءَ پستڪ هر
جڳياسوءَ لاءِ تمام لاڀدائڪ آهي. ٻرهمي ٻالڪ اڄ ئي ٽپال رس
گهرائي سگهن ٿا. سفيد ڪاغذ، عمدا ڇپائي سهڻو ۽ مض
ٽائيٽل ڪور هوندي به قيمت فقط ۰۰ - ۲ (ٻه روپيه
آهي. ٽپال خرچ الڳ ٿيندو.

ملڻ جو هنڌ
آنند سنديش ڪاريالي
پوسٽ شري آنندپور ضلع گونا (مڌيه پرديش)
PIN CODE 473-338

DECEMBER 1987 Regd. No MP/GUNA/8
R. No 13124/57 Licence No. 1

ڀڪتي، پريم، پرمارٿ، ويراڳ ۽ شانتيءَ جو
سنديش پهچائيندڙ

ماهوار

آنند سنديش

پڙهو ۽ پنهنجي روحاني پياس کي بجهايو.

[۱] هيءَ ماهوار پرچو شري آنندپور ۾ ٽن ٻولين سنڌي، هندي ۽ اردوءَ ۾ ڇاپيو ويندو آهي. ان کانسواءِ انگريزيءَ ۾ SPIRITUAL BLISS ماهوار پڻ ڇاپيو ويندو آهي.

[۲] آنندسنديش پاٺڪن کي هر هڪ انگريزي مهيني جي پهرين تاريخ جو موڪليو ويندو آهي - ۲۰ تاريخ تائين پرچو نه ملڻ تي پنهنجي پوسٽ آفيس مان پتو ڪندا، انکان پوءِ ڪاريالي ۾ اطلاع ڏيندا.

[۳] آرڊر ڏيڻ مهل جنهن ڀاشا ۾ پرچي جي گهرج هجي کولي لکندا.

[۴] لک پڙهه ڪرڻ مهل پنهنجي چٺي نمبر جو احوال ڏيڻ ضروري آهي.

[۵] ائڊريس بدلائڻ جو اطلاع ۱۵ تاريخ تائين ڪاريالي ۾ ضرور ڏيندا جيئن وقت تي ڪارروائي ٿي سگهي.

ائڊريس:- آنند سنديش ڪاريالي
پوسٽ. شري آنندپور ضلع گنا (مڌيه پرديش)
پن ڪوڊ نمبر 473-338

ANAND SANDESH KARYALAYA
P.O.Shri Anandpur Distt. Guna (M. P.)
PIN 473-338